
جديد
عالمي
سياست
(تعارف)
سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي

# جديد عالمي سياست

(تعارف)

از

جي. ايم. سيد

سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽڊ
حيدرآباد سنڌ
1978ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”جديد عالمي سياست“** اوهان اڳيان پيش آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ قومپرست سياستدان ۽ ڏاهو ليکڪ سائين **جي ايم سيد** آهي. هي ڪتاب 1978ع ۾ . **سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽڊ حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو.

ٿورائتا آهيون شاهنواز سومري صاحب جا، جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ڏانهن ڏياري موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

**پيش لفظ**

پئن- اسلامزم

نئشنلزم

ڪميونزم

فاشزم

جمهوريت

**فصل پهريون-** اوائلي تشريح

**فصل ٻيون-**

**جرمني- هٽلر**

جنرل گوئرنگ

ڊاڪٽر گوبلس

ڊاڪٽر شاخت

**فصل ٽيون-**

اٽلي- مسولني

**فصل- چوٿون-**

انگلنڊ- سر ونسٽن چرچل

سويت يونين- جوزف استالن

**فصل پنجون-**

**فصل ڇهون-**

فرانس- ڊاڊليئر

**فصل ستون-**

اسپين- جنرل فرئنڪو

**فصل اٺون-**

چين- چيانگ ڪائي شيڪ

مائوزي تنگ

**فصل نائون۔**

جنگ جا احوال

نتيجا۔ جرمنيءَ لاءِ

جپان لاءِ

دنيا لاءِ

# پيش لفظ

قديم زماني کان دنيا جو اهو دستور رهيو آهي تہ مختلف ملڪن جي رهاڪن جا، رسم رواج ۽ ڪلچر، مذهبي عقيدن ۽ ملڪي مسئلن وغيره جي دائرن ۾ هڪ ٻين تي اثر پئي پيا آهن. اِهي اثر، پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، هيٺين سببن ڪري ياڻ وڏيڪ تيز ۽ گهڻا پوڻ لڳا، ۽ تقريباً ساري دنيا اِنهيءَ عمل جي دائري ۾ اچي ويئي:

(1) ريل گاڏين، هوائي جهازن، تارن، ريڊين، اخبارن ۽ ڪتابن مفاصلن کي گهٽائي ڇڏيو ۽ جدا جدا ملڪن جي رسم رواج، مذهبي عقيدن، ڪلچر ۽ سياسي ۽ اقتصادي نظرين جي باهمي ڏي وٺ لاءِ ترت وسيلن جو ڪم ڏنو.

(2) مغربي ملڪ، جديد علم ۽ سائنسي معلومات، هنري ترقي ۽ جديد هٿيارن جي زور تي، گهڻن ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن تي قابض ٿي، اُتي پنهنجا سامراج قائم ڪري چڪا هئا، ۽ انهن ملڪن کي پنهنجن استحصالي مفادن لاءِ ڪتب آڻي رهيا هئا، ۽ اُن سلسلي ۾ پنهنجن محڪوم ملڪن ۽ سماجن کي جديد علمن ۽ ڪاريگرين سان روشناس ڪري رهيا هئا ۽ اُنهن کي پنهنجي پنهنجي ڪلچر جي رنگ ۾ رڱي رهيا هئا ۽ موٽ ۾ پاڻ بہ اُنهن جي ڪلچري وجود کان متاثر ٿي رهيا هئا.

مغربي دنيا جي هِنن سامراجن جو اِڳتي هلي، استحصالي موقعن ۽ 'حقن' جي ڳالهين تان پاڻ ۾ تصادم ٿيو جنهن نيٺ دنيا کي پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آڙائي ڇڏيو. هِن خونخوار لڙائيءَ ۾ هڪ طرف جرمني، هئبسرگ ۽ ترڪ شهنشاهتن حصو ورتو تہ ٻئي طرف انگلنڊ، فرانس ۽ روس مکيہ ملڪن طور شامل ٿيا، جن سان آخر ۾ آمريڪا بہ اچي شريڪ ٿيو. پهرينءَ ڌُر کي محوري ملڪ (Axis Countries) ۽ ٻيءَ ڌُر کي اتحادي ملڪ (Allied Countries) جي نالي سان سڏيو ويو.

ايشيا ۽ آفريڪا ۾ اتحادين جي ماتحت گهڻا ملڪ هئا، تنهنڪري انهن ملڪن جي ماڻهن کي بہ جنگ ۾ گهليو ويو ۽ اتي جي پيسي ۽ خام مال کي بہ جنگي مقصدن لاءِ ڪتب آندو ويو. جنگ جي وقت اتحادين طرفان پنهنجن محڪوم ملڪن سان گهڻا وعدا ڪيا ويا، اُنهن تي ظاهر ڪيو ويو تہ اُها جنگ ڪمزور قومن جي آزاديءَ لاءِ لڙي پئي ويئي. اُنهن وعدن ۽ اعلانن جي آڌار تي ماتحت ملڪن بہ جنگ ۾ پنهنجن حاڪم ملڪن جي مدد ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو.

هي جنگ 1914ع ۾ شروع ٿي ۽ 1918ع تائين هلي. هندوستان جنهن صورت ۾ انگريزن جي ماتحت هو، اِن ڪري اُن کي بہ هن جنگ ۾ گهليو ويو. هتي جو پيسو جنگ تي خرچ ڪيو ويو. هتي جا سپاهي يورپ ۾ جنگ لاءِ موڪليا ويا، جن يورپي سپاهين سان گڏجي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو ۽ اُتي جي عادتن، رسمن ۽ رواجن مان واقفيت پرائي. جنگ جي ميدان تي حاڪم ۽ محڪوم ڪَنا لڙي رهيا هئا. ان جنگ ۾ لکين ماڻهو مئا ۽ ڦٽيا. اربن جو خرچ ٿيو. آخر ۾ آمريڪا جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ ڪري اتحادين جي فتح ٿي.

انهيءَ وقت آمريڪا جو صدر مسٽر وڊرو ولسن هو جو نهايت نيڪ ۽ شريف ماڻهو هو. هن جنگ جي تباه ڪارين کان متاثر ٿي، آئيندي لاءِ مختلف ملڪن جي اختلافي مسئلن کي نبيرڻ لاءِ، آمريڪن ڪانگريس اڳيان 8 جنوري 1918ع تي هيٺين چوڏهن نقطن جو پروگرام پيش ڪيو:

(1) آئينده حڪومتن جي وچ ۾ عهدناما کليل طرح ڪيا وڃن.

(2) هر ڪنهن ملڪ کي بين الاقوامي عهدنامن مطابق بند ٿيل ايراضين کان سواءِ، هر سمنڊ ۾ جهازرانيءَ جو پورو حَق، صلح توڙي جنگ جي حالت ۾، هئڻ گهرجي.

(3) جتريقدر ٿي سگهي، اقتصادي رڪاوٽون ۽ بندشون ڪيي ڇڏجن.

(4) سڀ ڪنهن ملڪ جي اندروني انتظام ۽ بچاءَ جو لحاظ رکندي، عام هٿيار سازيءَ جي چتاپيتيءَ کي گهٽ ڪيو وڃي.

(5) سامراجي ملڪن جي بيٺڪن ۾، مڪاني ماڻهن جي حَقن کي سامهون رکي، سڌارا آندا وڃن.

(6) روس جي نئين حڪومت سوويت يونين جي حدن مان لشڪر ڪيڍي، اُتان جي ماڻهن کي سندن قومي ۽ ملڪي معاملات جي فيصل ڪرڻ لاءِ آزاد ڇڏيو وڃي.

(7) بيلجم جي حدن مان لشڪر ڪيڍي، اُن کي آزاد ڪيو وڃي.

(8) فرانس جي حدن مان لشڪر ڪيڍي، فرانس کي جرمنيءَ جا بہ علائقا، ايس ۽ لورين، ڏياريا وڃن.

(9) اٽليءَ جي حڪومت کي سندن قومي ايراضي واپس ڏياري وڃي.

(10) آستريا ۽ هنگريءَ جي رهاڪن کي مڪاني خودمختياري ڏياري وڃي.

(11) رومانيا، سربيا، هنگريءَ جي حدن مان لشڪر هٽائي، اُتي آزاد حڪومتون قائم ڪيون وڃن.

(12) ترڪن ڪي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ قومي حڪومت ڏياري وڃي. سندن ماتحت ٻين قوميتن جي ماڻهن ڪي خودمختياري ڏيارڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. دره دانيال ڪي کُليو رکيو وڃي.

(13) پولينڊ ڪي آزاد قومي حڪومت ڏياري وڃي.

(14) بين الاقوامي معاملن ڪي باهمي فيصلن ذريعي نبيرڻ ۽ ننڍين وڏين قومن جي آزادي برقرار رکڻ لاءِ **”دنيا جي قومن جي جماعت“** تاهي وڃي.

انهن مقصدن جي پورائيءَ جي سلسلي ۾ صدر ولسن 18 جنوري 1919ع تي يورپ آيو. اتحادين هن جي اچڻ تي سندس وڏي مرحبا ڪئي. ليڪن پيش ڪيل 14 نقاتي پروگرام مان صرف ليگ آف نيشنس **(دنيا جي قومن جي جماعت)** قائم ڪرڻ جي تجويز بحال ڪئي ويئي. سندس باقي رِٿون، اِنهيءَ خيال کان تہ اُنهن مان اتحادي حڪومتن جي مفادن کي نقصان پهچڻ جو ڊپ هو بحال نہ ڪيون ويون. اُن تي هو دلشڪستو ٿي، واپس آمريڪا موٽي ويو.

ان پهرين مهاپاري لڙائيءَ مان هيٺيان نتيجا نڪتا:

(1) دنيا جون ڪي وڏيون شهنشاهيتون، مثلاً جرمني، روس ۽ ترڪيءَ واريون، ختم ٿي ويون.

(2) دنيا ۾ مذهبي جنگين کان سواءِ هي پهريون پيرو هو جو حڪومتن طرفان جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪن اصولن جي بنياد تي ماڻهن کي اپيل ڪرڻ جو رواج پيو.

(3) روس ۾ هڪ نئين حڪومت نظرياتي بنيادن تي سوويت يونين جي نالي سان وجود ۾ آئي، جنهن پنهنجي طاقت ڪي اشتراڪي نظريي جي بنياد تي وڏن پروگرامن جي تڪميل لاءِ مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو.

(4) جنگ پوري ٿيڻ تي هيٺيان پنج مکيہ عهدناما ٿيا، جن جي ڪري شڪست کاڌل ملڪ نقصان هيٺ آيا، ۽ انهن ۾ ناراضگي پيدا ٿي پيئي، جا اڳتي هلي ٻيءَ عالمگير جنگ جو باعث بڻي:

1. ورسليز جو عهدنامو.
2. سينٽ جرمين جو عهدنامو.
3. نيولي جو عهدنامو.
4. سيورس جو عهدنامو.
5. ٽرينان جو عهدنامو.

اُهي عهدناما ڪمزور هئا، انهن جو ذڪر طوالت جو باعث سمجهي، هتي نٿو ڏيان (ان جو تفصيلي احوال منهنجي ڪتاب ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ مان ملي سگهندو) پر اُنهن بابت هِتي ايترو ٻڌائڻ مناسب ٿيندو ته اِهو انهن عهدنامن جو نتيجو هو جو فقط 22 سالن جي قليل عرصي کان پوءِ دنيا کي ٻيءَ موتمار عالمگير جنگ جي مصيبت کي منهن ڏيڻو پيو جنهن جي اثرن کان اڄ تائين دنيا جون قومون پوريءَ طرح آجيون ٿي نه سگهيون آهن.

پهرينءَ ۽ ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ هيٺين پنجن نظرين جو اثر دنيا تي پيو:

1. **پئن ـ اسلام ـ ازم**
2. **نئشنلزم**
3. **ڪميونزم**
4. **فاشزم ۽**
5. **جمهوريت** (ڊيموڪريسي)

متي ذڪر ڪيل نظرين جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي.

# 1. پئن اسلامزم

پئن اسلامزم خلافت جو بدليل نالو آهي. مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ لاءِ مسلمانن خلافت جو ادارو قائم ڪيو هو جو ڪجه وقت کان پوءِ پنهنجي افاديت وڃائي ويٺو. ان ڪري پهريان ٽي خليفا شهيد ٿيا. امام حسين عليہ السلام رسول اڪرم جو ڏوهٽو شهيد ٿيو. ڪجه عرصو انهيءَ اداري تي بني اميه گهراڻي جو تسلط رهيو. ڪجه وقت ڪانپوءِ انهيءَ گهراڻي کي زوريءَ ٻاهر ڪڍي، ان تي بني عباس قبيلي قبضو ڪيو جن بني اميه خاندان جي قبرن جا نشان به مِٽائي ڇڏيا. ڪجه وقت تائين اهو ادارو بني عباس خاندان ۾ هليو جن کي اندروني سازش جي اشاري تي منگولن اچي ختم ڪيو. ان ڪانپوءِ ڪجه وقت لاءِ اهو ادارو بني فاطمين جي هٿ ۾ رهيو. جتان تبديل ٿيندي، آخر ترڪن جي حوالي ٿيو.

اُن سموري عرصي ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪيترن مسلمان قبيلن جون الڳ الڳ حڪومتون قائم ٿي ويون هيون، جن جو ان خلافت جي اداري سان ڪو خاص تعلق ڪونه هو.

ترڪستان ۾ ترڪن جي مغل شاخ سلطان تيمور جي هٿ هيٺ شهنشاهي قائم ڪئي. ايران ۾ شاهه اسماعيل صفويءَ جي هٿ هيٺ شهنشاهي قائم ٿي. هندوستان ۾ بابر بادشاهه مغل سامراج جو بنياد وڌو. قسطنطنيه ۾ ترڪ شهنشاهي قائم ٿي، جنهن خلافت جي اداري کي پنهنجي هٿ هيٺ آندو. پر اُهي سڀ شهنشاهيون آزاد ۽ خودمختيار هيون. ڪابه اُنهن مان ڪنهن جي ماتحت نه هئي.

بهرحال، جيستائين تُرڪ طاقتور هئا، خلافت کي هلائيندا رهيا، پر اُنهن جي ڪمزور ٿيڻ بعد، انگريزن، ڪن مصلحتن جي خيال کان، سيد جمال الدين افغانيءَ معرفت سيني مسلمان حڪومتن کي متحد ڪرڻ جي دعوا جي بنياد تي پئن اسلامزم جي تحريڪ هلائي.

انهن مان هڪڙو سندن مقصد هيءُ هيو ته روس، فرانس ۽ جرمنيءَ جي طاقتن کي مشرق طرف وڌڻ کان روڪڻ لاءِ ترڪ سلطنت کي مضبوط ڪيو وڃي. ليڪن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، چاڪاڻ ته انگريز پنهنجين مصلحتن ڪري فرانس ۽ روس سان شامل هئا، جي وري ترڪ سلطنت جا مخالف پئي رهيا هئا، اِنهيءَ ڪري ترڪن وڃي جرمنيءَ جي طرف جنگ ۾ شرڪت ڪئي.

ان تي انگريزن وري پنهنجي پاليسي بدلائي، ترڪيءَ جي ماتحت ملڪن، عراق، شام، عرب، مصر وغيره کي عرب قوم پرستيءَ (نئشنلزم) جي بنياد تي، ترڪن جي خلاف اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي. هوڏانهن پئن اسلامزم جي تحريڪ کان پوءِ ترڪن جي هڪ گروهه، جنهن جي اڳواڻي جنرل انور پاشا ٿي ڪئي، کي يقين ويٺل هو ته جنهن وقت خليفي ۽ شيخ الاسلام ۾ ٻين عالمن جي جهاد جي فتوا تي مسلمانن کي 'اتحادين' خلاف لڙڻ لاءِ سڏ ڪبو، ته هو سمورا ترڪن جو طرف وٺي بيهندا. پر اُن ۾ اُن گروهه کي سخت مايوسي ٿي. عملي طور اُها ڳاله غلط ثابت ٿي. اقتدار جي ميدان ۾ سياستدانن طرفان مذهب جي بيجا استعمال سبب مذهبن جو سياسي معاملن ۾ اثر گهٽ ٿي ويو هو. ۽ ٻيو ته عرب ملڪ، ڪجهه آزاديءَ جي خيال کان ۽ ڪجهه انگريزن جي پيسي ڪري، ترڪن جا مخالف ٿِجي پيا هئا.

هندوستان جي مولانا محمودالحسن ديوبنديءَ، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا شوڪت عليءَ ۽ محمد عليءَ ۽ مولانا ظفر علي خان ۽ ٻين، جيڪي پئن اسلامزم جا حامي هئا، گهڻو ڪجهه شور مچايو پر انگريزن هِنن کي نظربند ڪري، پنجاب ۽ يوپيءَ جي عليگڙهه جي مڪتبِ فڪر جي ماڻهن معرفت لشڪر ڳنڍو ڪرائي، ترڪن خلاف، عراق، شام ۽ حجاز ڏانهن موڪليو ۽ آخرڪار ترڪن کي جنگ ۾ شڪست ڏياري.

اُهي ماڻهو جي اڄ پنهنجن گروهي مفادن لاءِ هن وقت پاڪستان ۾ اسلامي ملڪن جي اتحاد جو راڳ آلاپين ٿا، تن جي وڏن، اِئين انگريزن جي اشاري تي ۽ اُنهن جا اوزار بڻجي، مڪي معظم، بغداد ۽ شام تي گوليون هلائي، ترڪ خليفي جي لشڪر کي مارڻ کان گريز نہ ڪيو هو.

آخرڪار جڏهن ترڪيءَ کي شڪست آئي، ۽ سندن ملڪ ورهائجي ويو تڏهن باقي رهيل ترڪن خلافت جي اداري کي ختم ڪري، مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جي هٿ هيٺ، ترڪ نيشنلزم جي آڌار تي، پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. پئن اسلامزم جو نظريو اِئين سندس حامي انور پاشا سان گڏ ترڪستان جي هڪ ٽڪريءَ تي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ دفن ٿي ويو.

هاڻي، ڪي ماڻهو تاريخ جي فيصلي خلاف وري اُن ڪم کان ويل پئن اسلامزم کي قبر مان کوٽي جيارڻ گهرن ٿا. پر اُن مان اڄ فائدي جي عيوض نقصان جو ئي انديشو ٿي سگهي ٿو. "آزمائڻ کي وري آزمائڻ" مان جو ڪجھ پلئہ پئجي سگهي ٿو سو ظاهر آهي.

## 2. نئشنلزم

هن نظريي جو بنياد هن ڳالھ تي آهي تہ **"هر قوم کي، حق خوداختياري جي اصول تي، پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ جو حَق آهي، ۽ انهيءَ طريقي مطابق هر قوم پنهنجي آزاد ۽ جداگانہ حڪومت بڻائڻ جو اختيار رکي ٿي."**

هن وقت قوميت جا دنيا ۾ تسليم ڪيل بنياد هيٺيان شمار ڪيا وڃن ٿا:

**(1) جاگرافيائي حَدن جو وطن،**

**(2) زبان،**

**(3) ڪلچر،**

**(4) قومي ڪردار ۽**

**(5) سياسي ۽ اقتصادي مفاد.**

پهرينءَ مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ، شڪست کاڌل شهنشاهتن جي وسيع ايراضين کي، اُنهن اصولن جي بنياد تي ٽوڙي، نيون قومي حڪومتون بڻايون ويون هيون. 'ليگ آف نيشنس' ۾ اُنهن ئي بنيادن تي برپا ڪيل قومي حڪومتن کي نمائندگي ڏني ويئي هئي- جهڙوڪ: يوگوسلوويا، زيڪوسلويڪيا، هنگري، البانيا، گريس (يونان)، بلگيريا، رومانيا، پولينڊ، لٽويا، لٿئانيا، فنلئنڊ، آئرلئنڊ وغيره جدا جدا قومن جي صورت اختيار ڪئي.

انهن ملڪن کي جدا قومي حڪومتن ڏيارڻ ۾ اتحادين جو گهٽي قدر هٿ هو. ليڪن انهن ساڳين اتحادي بادشاهتن سندن پنهنجي اقتدار هيٺ رهندڙ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جي قومن کي، مختلف بهانن جي آڌار تي، آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن تي اُنهن کنڊن جي رهاڪو قومن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ٿي ويئي. اُنهن قومن جي جدوجهد جو مختصر احوال مون پنهنجي ڪتاب **"پنهنجي ڪماڻي پنهنجي زبانيءَ"** ۾ ڏنو آهي. هتي زير بحث موضوع سان اُن جي سڌي واسطي نه هئڻ سبب ۽ طوالت کان بچڻ جي خيال کان فقط هر هڪ ملڪ ۾ ان جي مکيه ليڊر جي نالي کي پيش ڪرڻ ڪافي ٿو سمجهان، جن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو هو:

(1) موراڪو ۾ غازي عبدالڪريم جي اڳواڻيءَ هيٺ هلچل هلي.

(2) لبيا ۾ شيخ ادريس سنوسيءَ آزاديءَ جو جهنڊو کنيو.

(3) الجيريا ۾ قومپرستن ۽ جميعت العلماءَ آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪئي.

(4) مصر ۾ سعد زغلول پاشا جي هٿ هيٺ قوم پرست تحريڪ زور ورتو.

(5) ترڪيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال خلافت کي ختم ڪري، انگريزن ۽ يونانين جي خلاف وڙهي، پنهنجي ملڪ لاءِ آزادي حاصل ڪئي.

(6) شام (سيريا) ۾ دروُس قبيلي بغاوت ڪئي، جنهن ڪري سامراج اُن کي آزادي ڏني.

(7) فلسطين ۾ 20 نومبر 1917ع تي لارڊ بالفور اعلان ڪري، ان کي يهودين جي وطن قرار ڏيئي، اُتي يهودين جو قبضو قائم ڪرايو.

(8) اردن (جارڊان) کي انگريزن فلسطين کان علحده ڪري، امير عبدالله کي 26 مئي 1923ع تي بادشاهه بڻايو.

(9) عراق: 10 جنوري 1919ع تي، انگريزن هندوستاني لشڪر سان، جن ۾ پنجابي مسلمان به هئا، بغداد تي قبضو ڪيو. اُن کان پوءِ اُتي عربن جي بغاوت ڪرڻ تي، هُنن 23 جون 1920ع تي امير فيصل بن شريف حسين کي عراق جو بادشاهه بڻايو.

(10) ايران: 21 فيبروري 1921ع تي مازندران جي رهاڪو قزاق ايرانين جي برگيڊ جي آفيسر رضا خان، ملٽري ڪوپ ذريعي، تهران تي قبضو ڪيو. 13 ڊسمبر 1922ع تي پاڻ کي ايران جو بادشاهه بڻايو.

(11) افغانستان: پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ امير امان الله خان افغانستان جو بادشاهه ٿيو. جنهن کي، انگريزن جي اشاري تي، ملا شور بازار (سرهندي بزرگ) بغاوت ڪري، ڪڍائي، بچہ سقہ کي طاقت ۾ آندو. ان کان نادر شاهه حڪومت اچي ورتي.

(12) چين: سن ييت سين 21 جنوري 1924ع تي قوم پرستن جي پيڪنگ ۾ ڪانفرنس سڏائي، ڪومنتانگ نالي پارٽي ناهي. 12 مارچ 1925ع تي هن وفات ڪئي. ان کان پوءِ انهيءَ پارٽيءَ جو نرم ۽ گرم ڌر وارن جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. نرم ڌر جو ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ ۽ گرم ڌر جو ليڊر مائوزي تنگ ٿيو.

هوڏانهن يورپ ۾ جڏهن جرمني ۽ اٽليءَ وارن ڏٺو تہ سندن مخالف اتحادين، کين شڪست ڏيئي، سندن هٿ هيٺ بينڪي ملڪن کي آزادي ڏياري ڇڏي، پر پنهنجن پنهنجن بينڪي ملڪن کي اُهوئي پنهنجي هٿ هيٺ غلام رکيو آيا، تہ انهن بہ وري ساڳين اڱوٺن پنهنجن پنهنجن سامراجن کي ٻيهر قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اُنهن کي ائين هٿ پير هڻندي ڏسي، جپان وري ايشيا ۾ ساڳئي قسم جو پنهنجو اثر وڌائڻ شروع ڪيو.

# 3. ڪميونزم

هن نظريي مطابق ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير جو سمورو مدار اقتصادي جوڙجڪ تي رهي ٿو. ان نظريي هيٺ، پيداوار جي جملي ذريعن، ان جي ورهاست جي ذريعن ۽ متاستا جي ذريعن مثلاً پيسي وغيره تي حڪومت جو قبضو رهڻو آهي، تہ جيئن انهن کي عام ماڻهن جي فائدي لاءِ استعمال ۾ آڻي سگهجي. هن نظريي مطابق، قومي مفاد کي شخصي ۽ طبقاتي مفاد ي ترجيح ڏني وڃي ٿي. هر ڳالهہ کي تاريخي ارتقا جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ٿو.

اُنهيءَ نظريي جو بنياد متيريلزم (ماده پرستي) جي فلسفي تي ٻڌل آهي.

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ وڏي پيماني تي انهيءَ نظريي جو تجربو روس (سوويت يونين) ۾ ٿيڻ لڳو. ابتدا ۾ اُنهن کي سرمائيدار ۽ سامراجي طاقتن جي مخالفت ڪري مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. ليڪن جلد ئي هنن پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ پلئننگ (رٿا) مطابق ترقي ڪرڻ لڳا.

هنن جي سياسي پاليسي سامراجين ۽ سرمائيدارن جي خلاف هئي، ان ڪري ڪمزور ۽ غلام قومن کي انهن کان سهارو ملڻ لڳو.

هنن جو سياسي نظام هڪ پارٽيءَ جي حڪمرانيءَ وارو هئڻ ڪري، وٽن جماعتي ضابطي کي وڏي اهميت ڏني ٿي ويئي. وٽن جماعت جي مفاد تي فرد جي مفاد کي قربان ڪيو ويندو هو. انهيءَ يڪطرفيءَ ۽ هڪ رنگيءَ حالت کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ کين گهڻين مالي مشڪلاتن ۽ خون خرابين مان گذرڻو پيو ۽ جلد ترقيءَ لاءِ کين تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. ليڪن آهستي آهستي ترقي، سندن عوام جي ترقي ڏسي، اهو عقيدو دنيا ۾ زوردار واءُ وانگر چوڌاري پکڙجڻ لڳو.

## 4. فاشزم (فسطائيت)

هن نظريي جو رواج جرمنيءَ ۾ هٽلر جي نازي پارٽيءَ ۽ اٽليءَ ۾ مسولنيءَ جي فسطائي پارٽيءَ جي پيدا ٿيڻ بعد چوڌطرف پکڙيو.

اُنهن هيگل ۽ نطشي جي سياسي فلسفن مان سبق ورتو، اُنهيءَ نظريي جو بنياد وڌو هو.

دنيا ۾ قديم وقت کان مختلف صورتن ۾ اُنهيءَ نظريي جا پوئلڳ پيدا ٿيندا رهيا هئا. پر جهڙي طرح ڪميونزم پنهنجي آخري شڪل ڪارل مارڪس جي تعليم ۽ لينن جي عملي ڪارگذاريءَ ذريعي ورتي، تنهن وانگر هن فسطائي نظريي به پنهنجي آخري صورت عملي طرح هٽلر ۽ مسولنيءَ جي هٿان ۽ اُنهن جي دور ۾ ورتي.

انهيءَ نظريي جا بنيادي اصول هيٺيان هئا:

(1) بقاي اصلح ("سروائيول آف فٽيسٽ") جي قانون مطابق، هر ڪمزور ۽ ناصالح جانور ۽ ماڻهو مضبوط، صالح ۽ صحت مند جانور ۽ ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ناڪام ٿي، ختم ٿيو وڃي. اهو قانون قومن سان به لاڳو آهي. مضبوط ۽ لائق قومون ترقي ڪري، ملڪن جون مالڪ بڻجن ٿيون. ڪمزور ۽ نالائق قومون، هيٺ ڪِري، فنا ٿيو وڃن يا غلام بڻجيو وڃن.

(2) اُنهيءَ اصول کي مدنظر رکي، هٽلر آريا قوم کي صحتمند ۽ صالح ڄاڻي، دنيا جي رهبري ۽ حڪومت جي لائق ٿي سمجهيو.

(3) حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ صالح ۽ لائق گروهه کي اهل سمجهيو ٿي ويو. جمهوريت جي اصول کي فقط نااهل ماڻهن جي برتري قبول ڪرڻ جي برابر سمجهي، رد ڪيو ٿي ويو.

(4) انهيءَ اصول مطابق اُهي صالح قومون ٻين نااهل قومن مٿان حڪومت هلائڻ جون حقدار هيون.

(5) اُنهيءَ نظريي وارين حڪومتن سموري قومي وسائل کي مرڪزي طرح منظم ڪري، اُنهن کي مخصوص طبقي جي مفاد لاءِ ڪتب آندو. شخصي ملڪيت کي قائم رکيائون ٿي.

ٻين مغربي قومن، جن جمهوريت جي اصول کي مڃيو ٿي، تن بہ ساڳيءَ طرح طبقاتي مفاد جي حمايت، پنهنجي سامراج قائم رکڻ سان، حڪومت جي پاليسيءَ طور مقرر ڪئي هئي. تفاوت ٻنهي گروهن ۾ صرف هي هو تہ جمهوريت جي نالي وٺندڙ ماڻهن سامراج جو قيام پنهنجي پيل قومن جي سڌاري، تربيت ۽ حفاظت جي نالي ۾ عارضي طور رکڻ ٿي گهريو. پر فسطائي گروهہ پنهنجي پيل قومن کي هميشہ لاءِ نااهل سمجهي، انهن کي دائمي طور غلام رکڻ جو ارادو ٿي رکيو.

جمهوريت هلائڻ جا طريقا پهرئين گروهہ بہ اهڙا رکيا هئا، جو طاقت هميشہ مخصوص طبقي جي هٿ ۾ رهڻ واري هئي، ليڪن ٻئي گروهہ مرڳو اختلاف راءِ کي بيڪار سمجهي، پنهنجي مخصوص اقليتي طبقي جي اقتدار کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ پارٽي راڄ قائم ڪرڻ ٿي گهريو. هي ٻيو گروهہ جارحانہ نئشنلزم جو حامي هو.

(6) هنن پنهنجي برتري ۽ مخالفن جي ابتري يعني نسل جي بنياد تي قائم ٿي رکي، ۽ پاڻ کان گهٽ نسل ڏانهن نفرت سندن سياسي پاليسيءَ جو مکيہ اصول هو.

(7) انهيءَ نظريي کي عمل ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي حڪومت ۽ برتري ڪمزور قومن تي مسلط ڪرڻ لاءِ، هنن تشدد جو استعمال لازمي ٿي سمجهيو.

(8) ٻِيَر وارن ملڪن ۽ ننڍين قومن تي قبضو ڪرڻ سندن پروگرام جو مکيہ جزو هو.

هيءُ نظريو هندوستان جي سياسي صورتحال ۾ گهڻين بدعتن جي پيدا ٿيڻ جو باعث بڻيو. برِ صغير جي مسلمانن جون هيٺيون چار جماعتون يا سياسي تحريڪون انهيءَ نظريي جون مرهون منت سڏي سگهجن ٿيون:

1ـ ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي اسلامي تشريح، ۽ مسلم ليگ جي پاليسي.

2ـ علامہ مشرقيءَ جي خاڪسار تحريڪ.

3ـ علامہ مودوديءَ جي جماعت اسلامي، ۽

4ـ ذوالفقار علي ڀٽي جي پيپلس پارٽي.

هندن مان بہ ڪن جماعتن جهڙوڪ جن سنگه، راشٽريہ سيوڪ سنگه ۽ ٻين جماعتن اُنهيءَ ساڳئي فسطائي نظريي مان سبق ورتو هو. پر جنهن صورت ۾ اهي جماعتون هن وقت پاڪستان کان ٻاهر آهن، ۽ هتي انهن جو واسطو نہ رهيو آهي، ان ڪري، هيٺ، مثال طور، آءٌ رڳو مٿين چئن تحريڪن جي فاشزم سان مشابهت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس.

**1ـ علامہ شيخ محمد اقبال جي اسلامي تشريح، ۽ مسلم ليگ جي پاليسي.**

(الف) ڊاڪٽر صاحب، مسلمانن لاءِ اعتقاد ۽ عمل جي بنياد تي، چونڊيل ۽ اعليٰ قوم هئڻ جي دعويٰ تي ڪئي.
(ب) مسلم قوم دنيا جي قومن جي آڏو بهادريءَ جي مثال پيش ڪرڻ ۽ سندن رهبري ڪرڻ لاءِ آئي هئي.
(ج) جهاد (تشدد) کي زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ وڏو حصو ۽ اهم درجو حاصل هو.
(د) سندس نزديڪ جمهوريت هڪ فرسوده نظريو هو.
(هه) مسلم ليگ هِنن ڳالهين مان سبق ونئي، پاڻ کي واحد نمائنده جماعت تي سڏيو ۽ هڪ ليڊر هڪ جهنڊي ۽ جداگانه ۽ برتر قوميت جو فسطائي نعرو هنيو تي، ۽ "يقين محڪم، اتحاد ڪامل ۽ تنظيم" کي پنهنجي مقصدن جي حاصلات جا وسيلا شمار تي ڪيو.

هندن لاءِ نفرت، انهن ڏانهن مَسهپ جو رويو، دهشت گردي ۽ جارحانه ذهنيت- سڀ اُنهيءَ فسطائي نظريي جا مظهر هئا. نازين (هٽلري جماعت) ۽ هِنن ۾ تفاوت صرف هيءُ آهي ته هُنن جرمن قوم کي نسل ۽ لياقت جي بنياد تي چونڊيل قوم تي سمجهيو- جيتوڻيڪ جرمن قوم نه نيٺ آريا نسل هئي ۽ نه لياقت ۾ ٻين کان اعليٰ هئي- ۽ اهي نعرا صرف عوام کي اُڀارڻ ۽ گمراهه ڪرڻ لاءِ هنيا تي ويا: ۽ هيڏانهن ڊاڪٽر صاحب وري مسلمانن لاءِ مذهب جي بنياد تي چونڊيل قوم جي دعويٰ تي ڪئي. جيتوڻيڪ غور سان ڏسڻ بعد معلوم ٿيو تي ته سڀيئي مسلمان نه اعتقاد ۾ هڪ هئا ۽ نه عمل ۾ يڪسان هئا- ۽ اُهو نعرو فقط عام ماڻهن کي مذهب جي نالي ۾ برغلائڻ لاءِ هنيو تي ويو.

جرمنن يهودين جي نفرت ۽ خوف کان پاڻ کي منظم ڪرڻ گهريو تي، ۽ مسلم ليگين هندوستاني مسلمانن کي هندن جي خوف ۽ نفرت جي بنياد تي متحد تي ڪيو.

جرمنيءَ ۾ ٻي پارٽي ممنوع هئي، هِتي ٻي ڪا مسلمانن جي پارٽي هر طرح قبول نه تي سمجهي ويئي. هُتي هٽلر ليڊر هو هِتي جناح کي ننڍڙو هٽلر بڻايو ويو تي. جرمن وارن جو قومي نشان آرين جو سواستيڪا هو جو آرين جو سامراجي نشان هو ۽ مسلم ليگ جو نشان چنڊ ۽ تارو هو جو بازنطينن ۽ پوءِ ترڪن جي جارحيت ۽ ملڪگيريءَ جو نشان هو.

جرمنن سرزمين جرمنيءَ کي مقدس بڻائڻ تي گهريو. جنهنڪري جيروسلم ۽ روم جي مذهبي تقديس ثانوي حيثيت وٺي تي ويئي: مسلم ليگ وري پاڪستان کي پاڪ بڻائي، اسلام جي مقدس ملڪن جي حيثيت کي گهٽايو تي.

## 2_ خاڪسار تحريڪ (علامه مشرقيءَ جي) :

هن تحريڪ جو بنياد هيٺين مکيه ڳالهين تي هو:

(1) هو بقاي اصلح جي اصول مطابق، جاندار شين کي ٻن گروهن، هڪ صالح ۽ ٻيو غير صالح، ۾ ورهائڻ جا قائل هئا.

(2) جهاد (تشدد) کي هنن مذهب جو بنيادي اصول ٿي سمجهيو.

(3) جمهوريت کي غلط سمجهي، هنن، ڪن اصولن جي بنياد تي هڪ ليڊر جي ماتحت ملٽري ڊسيپلين وسيلي، ماڻهن کي غلبئہ اسلام واسطي منظم ڪرڻ گهريو ٿي.

اقبالي مسلم ليگ ۽ مشرقي خاڪسار تحريڪ جي وچ ۾ بنيادي اصول ساڳيا ئي فسطائي هئا، ليڪن منجهن تفاوت هيٺئين قسم جا هئا:

(1) ڊاڪٽر اقبال جي نظر ۾ خُتني ٿيل، مسلماني نالي رکيل، مسلماني فرد سڏائيندڙ سڀ ماڻهو جداگانہ مسلم قوم هئا، جي لائق ۽ صالح هئڻ ڪري دنيا جي رهبري ڪرڻ جا حقدار هئا. هن، شاعريءَ جي جذبي هيٺ اچي، پنهنجي ئي بيان ڪيل اعتقاد ۽ عمل جي يڪسانيءَ جي اصول کي وساري ٿي ڇڏيو.

(2) علامہ مشرقي پيغام اسلام کي ڪنهن حلقي، قبيلي ۽ قوم سان وابستہ ڪرڻ روح اسلام جي خلاف سمجهي، هر صحيح الاعتقاد، صالح عمل، خادم خلق، حسن اخلاق رکندڙ ماڻهوءَ کي مسلمان ٿي سمجهيو ۽ تنهن ڪري سندس جماعت ظاهري طرح غير مسلمانن لاءِ بہ کليل هئي. ليڪن جڏهن غلبي اسلام لاءِ سندس خيال ۽ ارادي تي نظر ٿي ڪئي ويئي، تہ عملي طرح نتيجو فقط سندس پنهنجي خيال کي مڃيندڙ گروهہ جي برتري وڃي ٿي بيٺي.

(3) علامہ اقبال جي پوئلڳ ليگين ظاهري طرح جمهوري طريقي تي سياسي جماعت ٺائي، ڪم ٿي ڪيو، ليڪن عملي دنيا ۾ هنن بہ هڪ جماعت، هڪ ليڊر، هڪ جهنڊي ۽ هڪ نصب العين جي حاڪميت جا نعرا هڻي، جمهوري اصولن جي مخالفت پئي ڪئي.

(4) علامہ مشرقيءَ صاف طور تي جمهوري راءِ جي عيوض هڪ ۽ فقط هڪ ليڊر جي حڪم جي تعميل جو پرچار ٿي ڪيو. انهن جا طريقي ڪار علحده هئا، ليڪن سندن خيال، ارادا ۽ مقصد ساڳيا هئا. علامہ اقبال جي نظريي موجب مسلمانن جي قوم مڪمل ٿي چڪي هئي، جنهن جو وقتي طور مثالي ليڊر جناح هو ۽ علامہ مشرقيءَ اُنهن کي، پنهنجي ليڊريءَ هيٺ، مڪمل ڪرڻ گهريو ٿي.

## 3- علامہ مودوديءَ جي جماعت اسلامي:

مودودي صاحب جي اسلامي تشريح جا مکيہ جُزا هيٺيان هئا:

(1) مذهب اسلام آخري دين ۽ مڪمل قانونِ حيات هو.

(2) انهيءَ جا سچا ميجينڊرا هي هئا، جن قرآن ۽ سنت جي مطابق ڪئي ٿي.

(3) اسلام جي تبليغ، تعليم ۽ حڪومت لاءِ صالحن جي گروه مان هڪ امير جي ضرورت هئي.

(4) مذهب ۽ سياست کي گڏجي هلائڻ ئي صحيح هو ۽ ضروري هو.

(5) حڪومت کي قرآن ۽ سنت جي احڪامن پٽاندر هلڻو هو.

(6) حڪومت لاءِ آئين ناهڻ ۽ اُن جي تشريح ڪرڻ جو حق صرف اُنهن صالحن وٽ هو جن کي هو پاڻ صالح سمجهي.

(7) صالح ماڻهو صرف اُنهيءَ مذهبي تعليم جا ماهر ئي ٿي سگهيا ٿي، جيڪا مولانا مودوديءَ پاڻ مرتب ڪئي هئي ۽ ڏيڻ گهري ٿي.

(8) مختلف مسلمان ملڪن جي ماڻهن کي گڏجي، پئن اسلامزم جي بنياد تي، اسلام جي عالمي غلبي لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي.

(9) تقويٰ، خدمتِ خلق، صحيح اسلامي تعليم جي تبليغ وغيره سڀ انهن مقصدن جي حاصل ڪرڻ جا ذريعا هئا.

جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته هيءَ تحريڪ به قري گهري فسطائي نظريي جي ئي تحريڪ جو هڪ روپ نظر ايندي- ماڻهن جي صالح ۽ غير صالح گروهن ۾ تقسيم، اطاعت امير، هڪ ئي بهترين مذهب جو عقيدو ۽ اُن جي غلبي لاءِ هڪ جماعت، اُن مذهب جي تشريح جي اختياري صرف اُن جماعت ۽ اُن جي ليڊر وٽ محفوظ: هي سڀ اُهي ساڳيا ئي فسطائي نظريي جا خيال ۽ اصول هئا، جيڪي مٿن ٻن هم مشرب شخصن ۽ جماعتن جي سلسلي ۾ بيان ڪيا ويا هئا.

## 4- ذوالفقار علي ڀٽي جي ”پيپلس پارٽي“

هي جماعت پاڪستان جي قيام کان پوءِ تازو وجود ۾ آئي آهي. ان جو باني ۽ ليڊر مسٽر ذوالفقار علي خان ڀٽو آهي. هِن جماعت سان جيتوڻيڪ جمهوري، سوشلسٽ ۽ اسلامي اصول لڳايا وڃن ٿا، پر جي چٽائي ڏسبو ته اُها جماعت به حقيقي طور تي فسطائي نظريي جي بنياد تي بيٺل نظر ايندي.

(1) ان جو ليڊر ڀٽو صاحب تا حيات ليڊر آهي ۽ نا قابلِ تبديل آهي.

(2) ان کي جيتوڻيڪ جمهوري ۽ عوامي جماعت جي نالي سان سڏيو ويو آهي ليڪن ان جي پروگرام ۾ جمهوريت جي هيٺين اصولن جو پورو انحراف ڪيو ويو آهي:

(الف) اُن ۾ قومن جي حق خود ارادي کي رد ڪري، هڪ غير واضح نظريي پاڪستان مطابق، سنڌي، بلوچي، پنجابي ۽ پختون قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويجي ٿو.

(ب) ان ۾ تحرير، تقرير ۽ جماعت سازيءَ ۽ جماعتي عمل جي آزادي نہ آهي.

(ت) ان ۾ هر مخالف خيال ماڻهوءَ کي دهشت ناڪيءَ ۽ تشدد وسيلي دٻايو هيسايو ۽ خاموش ڪرايو ويجي ٿو.

(ث) اُن ۾ هڪ زبان ۽ هڪ ڪلچر جو نعرو هنيو ويجي ٿو.

(ج) ان ۾ اسلام جي علمبرداريءَ ۽ اُن جي قانون جي تعميل جي دعويداري ڪئي ويجي ٿي. جيتوڻيڪ اسلام جي سندن پنهنجي مخصوص تشريح آهي، يعني مغربي دنيا جي فلسفي ۽ فڪر جي تتبع ۽ مطابقت واري تشريح، جنهن کي هو جديد ۽ معقول اسلام سڏڻ جي دعوي ڪن ٿا.

(د) اُن ۾ سوشلزم جي علمبرداريءَ ۽ اُن جي قانونن جي تعميل جي دعويداري ڪئي ويجي ٿي. جيتوڻيڪ سوشلزم جِي بہ سندن پنهنجي مخصوص تشريح آهي، جنهن کي هو اسلامي سوشلزم سڏين ٿا. ۽ اُن ۾ مخصوص ۽ محدود پيداوار، تقسيم ۽ متاسنا جي ذريعن کي قوميائڻ جو عمل هو پنهنجي پاڻ وٽ، يعني خود استحصالي ۽ حڪمران طبقي جي پنهنجي ضابطي ۽ پنهنجي هٿن ۾، محفوظ رکڻ گهرن ٿا. (اُن جا پارٽي عهديدار ۽ اسيمبلين جا ميمبر ۽ حڪومتي اقتدار تي قابض ۽ اختيار جا صاحب، سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر، گهٽ ۾ گهٽ 95 سيڪڙو زميندار ۽ شاهوڪار طبقي جا هئا)

## 5۔ جمهوريت

هِن نظريي جا حامي قديم زماني کان هلندا پئي آيا آهن. ليڪن چون ٿا تہ اُن جي پوري تشريح ۽ عملي طرح وجود ۾ اچڻ يونانين جي دورِ حڪومت ۾ ٿيو. مغربي ملڪن اُن جي پوئلڳيءَ ۾ پنهنجي ملڪن اندر اُنهيءَ دستور کي حتي الامڪان رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هِن جا بہ ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن. پر جيڪڏهن اُن جا مکيہ اُصول بيان ڪبا تہ هيٺيان بيهندا:

نسل، رنگ، مذهب، جنس، صحت ۽ لياقت جي فرق کان سواءِ سيني ماڻهن کي بنيادي انساني حق حاصل رهن، جهڙوڪ:

(الف) قاعدي اڳيان سيني جي هڪجهڙائي.

(ب) تقرير ۽ تحرير جي آزادي.

(ج) جماعت سازيءَ ۽ جلسن ۽ مظاهرن جي ازادي.

(د) گھمي ڦري سگھڻ، ملڪيت رکڻ يا نيڪال ڪرڻ جي آزادي.

(ه) نوڪري، واپار ۽ ڌنڌي وغيره اختيار ڪرڻ جي آزادي، ۽ روزگار حاصل ڪرڻ جي سهولت.

(و) مذهبي خيال ڪان اعتقاد ۽ عبادت جي آزادي.

(ز) شخصي ملڪيت جي حفاظت جا حق.

(ح) زوريءَ ڪم ڪرائڻ يا غلام رکڻ جي منع.

(ط) ڪلچر، رسم الخط ۽ زبان جو تحفظ.

(ي) ووٽ جو حق، وغيره.

(ڪ) حڪومت جو ڪاروبار آزاد ووٽ ذريعي چونڊيل نمائندن جي معرفت هلائڻ، ۽ اُنهن نمائندن جو ووٽرن وٽ جوابدار رهڻ.

(ل) حڪومت جو غير مذهبي هجڻ، يعني مذهبن جي سلسلي ۾ اُن جو غير جانبدار هجڻ.

(م) هڪ کان وڌيڪ سياسي پارٽين جي وجود کي برداشت ڪرڻ ۽ اُن جي افاديت کي تسليم ڪرڻ.

جمهوري حڪومتن جي عملي ڪارڪردگيءَ ۾ بہ ڪيئي نقص ۽ خاميون هيون. پر اسان وٽ، جديد دور ۾، جنهن طرز ۽ صورت جو جمهوري دستور مقبول ۽ مروج رهيو آهي، اُهو برطانيہ ۾ رائج دستور ۽ اُتان جي انگريز قوم کان اسان کي مليل دستور آهي. جنهن قوم جي هِن ملڪ تي ڪافي وڏو عرصو حڪمراني ۽ بالادستي رهي آهي.

هيءُ مختصر احوال آهي اسان جي ملڪ تي ٻن مهاڀاري لڙاين جي وچ واري دور جي فڪري ۽ سياسي اثرن جو. هيٺ آءُ خاص طرح ٻي لڙائيءَ جي دور جي مکيہ ليڊرن ۽ اُنهن جي مختصر ڪارگذارين جو ذڪر انهيءَ لاءِ ڪريان ٿو تہ اسان جي محبِ وطن ۽ خدمت گذار طبيعت رکندڙ نوجوان ڪارڪنن کي ماضي قريب جي حالات جي خبر پوي، ۽ هو پنهنجن خيالن ۽ عملن کي ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ رٿي ۽ هلائي سگھي.

سن، 31 مارچ 1974ع

**غلام مرتضيٰ**

# فصل پهريون

# اوائلي تشريح

جنهن وقت اسان هتي هندوستان ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۾ اُن جي نتيجي ۾ وقت بہ وقت مليل آئيني سڌارن جا تجربا ڪري رهيا هئاسون، ان وقت يورپ ۽ ايشيا جي مڪيہ ملڪن ۾ ڇا وهي واپري رهيو هو ان وقت انهن ڳالهين جو اسان جي ملڪي مسئلن تي ڪهڙو اثر پيو تي: پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ان جو ڪجه ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

هندوستان دنيا جي وڏن مڪيہ ملڪن مان هڪ آهي. سندس ماضي نهايت شاندار ٿي گذريو آهي. منجهس ماڻهن ۽ مال جي ڪمي نہ پئي رهي آهي. اُن جي گذشتہ تاريخ ۾ ڪيئي لاها چاڙها پئي رهيا آهن. ليڪن اُن وقت ڏاري، بين الاقوامي حالات ڪان متاثر ٿي، انگريزي دورِ حڪومت جي عرصي ۾ خانہ جنگيءَ ۽ بيروني حملن ڪان آزاد رهي، هندوستان ترقيءَ جي راه تي گامزن ٿيندو نظر آيو ٿي.

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ وقت هندوستانين انگريزي حڪومت جو ساٿ ڏيئي، پيسي، لشڪر ۽ سامان رسد ذريعي جرمنيءَ ۽ انهن جي ساٿين تي فتح حاصل ڪرڻ ۾ اُن جي گهڻي مدد ڪئي هئي.

اُنهيءَ جنگ جي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ اتحادين يورپ جي ننڍين قومن کي آزادي ڏياري هئي، ليڪن ايشيا ۽ آفريڪا ۾ سندن پنهنجي سامراج هيٺ آيل ملڪن کي آزاد ڪرڻ لاءِ سندن ڪوبہ ارادو ظاهر ڪونہ ٿي ڏنو. جنهنڪري اُنهن محڪوم ملڪن ۾ پنهنجي پنهنجي آزاديءَ لاءِ هلچلون شروع ٿي ويل هيون، جن کي سختيءَ سان دٻائڻ ۾ هُنن هر ڪا ڪوشش پئي ڪئي.

انهيءَ وقت ۾ سامراجي ملڪن جي چنبي مان آزاد ٿيڻ لاءِ ايشيا ۽ آفريڪا جي مختلف خِطن ۾ آزاديءَ لاءِ جيڪا جدوجهد ٿي رهي هئي ۽ اُن کي دٻائڻ لاءِ انگلنڊ، فرانس، اسپين، هالنڊ، اٽلي وغيره سامراجي حڪومتن جيڪي طريقا اختيار ڪيا هئا، خود مهاڀاري لڙائيءَ جي نتيجي ۾ دنيا جي سياسي طاقتن ۾ جيڪا تبديلي واقع ٿي هئي، ۽ اتحادين شڪست کاڌل طاقتن ۽ حڪومتن سان جيڪو رويو

اختيار ڪيو هو. ان جي ردعمل طور دنيا ۾ ڪيترا نوان سياسي نظريا وجود ۾ آيا هئا، جن جو ماڻهن تي گهٽي قدر اثر پوڻ لڳو هو.

جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ، شروع ۾، اتحادين لڙائيءَ جي ٿڪاوٽ ۽ ان ۾ ٿيل نقصان جي پورائيءَ لاءِ ڪجھ نرم برتاءُ اختيار ڪيو هو. پر آهستي آهستي ٿي، هُو پنهنجي پنهنجي تسلط هيٺ آيل ملڪن جي عام راءِ کي نوڪرون هٽي، عام دٻاءَ جا طريقا اختيار ڪرڻ لڳا هئا.

ليگ آف نيشنس، جيڪا نيڪ ارادن سان برپا ڪئي ويئي هئي، تنهن کي هو پنهنجي سامراجي مفادن لاءِ اوزار ڪري ڪتب آڻڻ لڳا هئا. سندن اهڙيءَ روش ڪري يورپ جي شڪست کاڌل ملڪن ۾ هڪ طرف ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي سندن مقبوضہ ملڪن ۾ ٻئي طرف، سخت ردعمل پيدا ٿي چڪو هو.

دنيا کي معلوم ٿي ويو هو تہ اتحادي طاقتور بيشڪ هئا، پر جهڙي طرح هنن جنگ جي وقت ظاهر ڪيو ٿي تہ هي ننڍين قومن جي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ جمهوري سرشتي حڪومت جا روح روان، دنيا ۾ امن آڻڻ جا خواهشمند، حق ۽ ايمان جا حامي هئا؛ اُهي سندن جملي دعوائون تجربي جي آڌار تي غلط ثابت ٿيون هيون.

دنيا کي پتو پئجي ويو هو تہ هُنن سامراجي طاقتن جڏهن ننڍين قومن جي آزاديءَ جو نالو ورتو ٿي، تہ اُن مان سندن مقصد صرف سندن پنهنجن مخالف حڪومتن جي ماتحت قوميتون هو. پر ايشيا ۽ آفريڪا جا ملڪ، جي خود سندن قبضي هيٺ هئا، انهن کي آزاد ڪرڻ جو هنن جو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو. بلڪ انهن ملڪن ۾ هلايل آزاديءَ جي تحريڪن کي ڪچلڻ لاءِ هنن وسان نٿي گهٽايو.

سندن اهڙيءَ روش ڪري دنيا ۾ سندن اخلاقي اثر گهٽجي ويو هو. ليگ آف نيشنس، جا دنيا جي مختلف ملڪن جي وچ مان اختلافن کي باهمي گفتگوءَ ذريعي فيصل ڪرڻ جي ارادي سان قائم ڪرايل هئي، سا سندن سياسي منصوبن جو آڪاڙو بڻجي پيئي هئي. ان ۾ جن کي وڻين ٿي، ميمبر ٿيڻ جي اجازت ڏنائون ٿي؛ جن کي پسند نٿي ڪيائون، تن کي انهيءَ جماعت جو ميمبر بہ ڪرڻ نٿي چڏيائون.

جيتوڻيڪ عام راءِ کي راضي رکڻ لاءِ ليگ طرفان ڪي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا ٿي، پر جي اُهي ٺهراءَ اتحادين مان ڪن جي ملڪي مفاد جي خلاف هئا، تہ انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش ڪانہ ٿي ڪئي ويئي، بلڪ ڪن حالتن ۾ اُنهن جي خلاف ورزي ڪئي ويئي ٿي.

ليگ آف نيشنس کي عملي طرح پنهنجي ڪنهن فيصلي مڃائڻ لاءِ اڳيئي ڪوبہ اختيار ڪونہ هو. ان جي فيصلن کي صرف عام راءِ، اخلاقي اثر ۽ اتحادين جي طاقت تي آڌار هو. پر جڏهن خود ااتحادين ان کي حَق ۽ انصاف لاءِ ڪتب نٿي آندو تہ آهستي آهستي تي، عام ماڻهن ۽ ملڪن جو ان جي افاديت مان اعتبار ٽٽندو ويو. ڪي ملڪ ان کي بيڪار سمجهي، اُن مان نڪري ويا. ڪن اُن جي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني. ان وقت ڌاري ماڻهن جي عام راءِ جي ترجماني ڪندي، ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال ليگ لاءِ هيئنءَ طرح اظهار خيال ڪيو هو:

من ازين پيش ندانم ڪہ ڪفن دزد چند،
بهرِ تقسيمِ قبور انجمني ساختند

[ مون کي (ليگ آف نيشنس بابت) هن کان وڌيڪ معلوم نہ آهي تہ رڳو قبرن جي ورهاست لاءِ ڪفن چورن هڪ جماعت ٺاهي آهي.]

دنيا ۾ اهڙين حالتن پيدا ٿيڻ سبب، گذريل مهاڀاريءَ لڙائيءَ ۾ يورپ جي شڪست کاڌل ملڪن ۾ بي آرامي ۽ بي چيني پيدا ٿي پيئي، ۽ اُنهن پنهنجي حالت درست ڪرڻ، وڃايل طاقت ٻيهر حاصل ڪرڻ ۽ ساڻن ٿيل ظلمن جي علاج لاءِ نئين سر منظم ٿي، ڪوششون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. اُن کان سواءِ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊن ۾ بہ اتحادين جي تسلط هيٺ آيل ملڪن ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد بہ تيز ٿي چڪي هئي.

اُنهيءَ وقت ڌاري يورپ ۽ ايشيا ۾ ڪن مکيہ ليڊرن جي اڳواڻيءَ هيٺ نيون تحريڪون شروع ٿيون هيون، جن ماڻهن کي خاص نظرين، مقصدن ۽ پروگرامن مطابق منظم ڪري، طاقت ۾ آڻڻ گهريو ٿي.

اِهو سوال جدا آهي تہ قومن جي بيداريءَ ۽ اُنهن جي طاقتور بڻجڻ جو مکيہ ڪارڻ ليڊر ٿين ٿا، يا جڏهن ڪن خاص حالتن هيٺ ڪي قومون بيدار ٿي، پنهنجن حَقن جي حفاظت لاءِ تيار ٿيڻ ٿيون، تہ اُنهن جي رهبريءَ لاءِ، حالتن جي تقاضا ڪري، ڪي قابل ماڻهو پيدا ٿي اچيو سندن اڳواڻيءَ جون واڳون وٺن. بهرحال اِها حقيقت آهي تہ جڏهن باهہ لڳڻ لاءِ مواد ڪٺو ٿئي ٿو تہ ڪونہ ڪو اچيو ان کي تيلي لڳائڻ جو ڪم سرانجام ڪري.

هي سمورو دؤر(1918ع – 1939ع) دنيا جي مکيہ ليڊرن، اُنهن جي تحريڪن ۽ اُنهن جي رد عمل ۽ عام تصادم ڪري، ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ لڳڻ جي سببن ۽ واقعن سان ڀريو پيو آهي. تنهنڪري بين الاقوامي حالتن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ دنيا جي مکيہ ملڪن، اُنهن ۾ پيدا ٿيل تحريڪن ۽

انهن جي مکيہ اڳواڻن جو سمجهڻ ضروري ٿيو پوي. ان ڪري يورپ ۽ ايشيا جي چند مکيہ اڳواڻن ۽ سندن خيالن ۽ ڪارنامن جو مختصر احوال هيٺ ڏيان ٿو.

# فصل پيون

# يورپ

## 1ـ جرمني

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ يورپ جي گھڻن ملڪن جي مالي حالت خراب ٿي ويئي هئي. ڪيترن ملڪن اندر، پارٽيبازيءَ ڪري، اندروني انتظام خراب ٿي چڪو هو. جمهوري سرشتي حڪومت ۽ سرمائيداري نظام کي ناڪام سمجهي، رد عمل طور، انهن جي خلاف هر هنڌ ڪوششون شروع ٿي ويون هيون. نتيجي طور اُتان جي ڪن مکيه ماڻهن ۽ فڪري دنيا جي سربراهن، اُنهن خرابين کي دور ڪرڻ لاءِ، آمرانه يا آپيخاني (Totalitarian) طريقي حڪومت رائج ڪرڻ ۾ حل ٿي جاتو ۽ ڪن وري روس ۾ قائم ٿيل ڪميونسٽ نظام موجب سوشل انقلاب آڻي، پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام جي حالت کي بهتر بڻائڻ ضروري ٿي سمجهيو.

جرمنيءَ، لڙائيءَ ۾ شڪست کائڻ ڪري، گھڻو نقصان سَنو هو. ويتر جو اُن تي جنگي تاوان رکيا ويا، سندس اندروني آزاديءَ تي پابنديون وڌيون ويون ۽ ڪي اُن جي ملڪي اراضيءَ جا ٽڪرا فرانس جي حوالي ڪيا ويا هئا، تن جرمن جهڙيءَ غيرتمند قوم ۾ شديد ردعمل پيدا ڪري ڇڏيو هو. نتيجي طور، اُن وقت جرمنيءَ ۾ اڪثر ماڻهو سوشلزم جي نظريي ۾ پنهنجي نجات ڄاڻي، ملڪ کي اُنهيءَ پٽاندر هلائڻ جا طرفدار بڻبا ويا. ڪن خاص ماڻهن وري جرمن نئشنلزم (قومپرستيءَ) جي آڌار تي، سڄيءَ جرمن قوم کي متحد ۽ منظم ڪرڻ گهريو ٿي. جرمن قوم جي راءِ اِنهن ٻن رجحانن جي وچ ۾ ورهايل هئي. اُن جا غريب ماڻهو گذريل موتمار جنگ ۽ اُن کان پوءِ جي پيدا ٿيل حالتن کان متاثر ٿي، ڪميونزم طرف مائل ٿيڻ لڳا هئا. سرنديءَ وارن کي ڪميونزم مان خطرو هو تن ملڪ کي طبقاتي تصادم ۾ ڦاسائڻ جي عيوض ماڻهن کي جرمن قوم جي نالي ۾ منظم ڪري، ملڪ کي طاقتور بڻائڻ گهريو ٿي.

عين انهيءَ موقعي تي جرمن قوم ۾ هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿيو جنهن ملڪ جي ٻنهي گروهن کي گڏي، هڪ جاءِ تي آڻڻ جي تحريڪ هلائي، ۽ نيشنل سوشلزم (قومي سماج واد) جي بنيادن تي هڪ پارٽي ٺاهي، ڪم ڪرڻ شروع ڪيو- جا، اڳتي هلي، "نازي پارٽي" نالي سان سڏجڻ لڳي. اُن ماڻهوءَ جو نالو "هٽلر" هو. اُنهيءَ تحريڪ کي "نازي ازم". يا اٽليءَ ۾ مسولنيءَ نالي اهڙي ئي هڪ اڳواڻ طرفان

اٽاريل قومي بحاليءَ جي تحريڪ جي نالي پنيان "فاشزم" يا فسطائيت جو نالو ڏنو ويو. هٽلر هڪ ڪتاب "مئن ڪئمف" نالي لکيو جنهن ۾ هن پنهنجي قومي سماج واد تحريڪ جا مقصد ۽ پروگرام پيش ڪيا.

هٽلر جي اُن هلچل جا نتيجا ڪهڙا نڪتا، انهن جي بيان ڪرڻ کان اڳ هٽلر جي شخصي زندگيءَ بابت احوال ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

# هٽلر ۽ سندس زندگيءَ جو احوال

هن شخص جو اصلي نالو اَڊولف ۽ پٽ آليوس جو هو. سندس " سرنيم" يا گهراڻي جو نالو هٽلر هو. سندس پيءُ آليوس آسٽريا جي ڳوٺ "برانو" ۾ رهندڙ هو ۽ موچڪو ڌنڌو ڪندو هو. هن ٽي شاديون ڪيون هيون. سندس ٽيءَ زال جو نالو "ڪلرا پوزيل" هو جنهن مان ڪيس 30 اپريل 1889ع ۾ اَڊولف هٽلر پيدا ٿيو. اَڊولف 21 سالن جي عمر تائين اُنهيءَ ڳوٺ ۾ رهندو آيو. تعليم بہ اتي ئي ورتائين. ان کان پوءِ هو جرمنيءَ جي ميونچ شهر ۾ رازڪو ڪم ڪرڻ لڳو. روز جي ڪم کان واندو ٿيڻ کان پوءِ هيءُ ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو ۽ ملڪي سياست جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو هو. ٿوري وقت کان پوءِ هيءُ جرمن فوج جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو.

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هن جرمنيءَ طرفان جنگ ۾ پوريءَ سرجوشيءَ سان بهرو ورتو. ليڪن باوجود بهترين لشڪر، عمدن هٿيارن ۽ پورين تيارين جي، جرمنيءَ ۽ ان جي ساٿي ملڪن ۽ ترڪيءَ جي حڪومتن کي جنگ ۾ شڪست ملي. ان ڪري هر محبِ وطن جرمن کي ارمان ۽ پشيماني پيدا ٿي. ويٽر ورسيلز جي عهدنامي هنن جي حالت ابتر بڻائي ڇڏي. جنگ ۾ شڪست کائڻ جي سببن معلوم ڪرڻ ۽ وڃايل طاقت ۽ وقار کي وري هٿ ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ جرمن قوم جا وطن دوست غور ۽ فڪر ڪرڻ لڳا.

هٽلر بہ نوڪري ڇڏي ڏني ۽ اُنهيءَ مسئلي تي سوچ ويچار ڪندي ڪندي، هو ڪن خاص نتيجن تي پهتو. هن کي جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ شڪست جا بہ ڪارڻ ڏسڻ ۾ آيا:

(1) هن پهرين تہ جمهوري سرشتي حڪومت کي اُن لاءِ جوابدار ٺهرايو. جنهن، هن جي راءِ مطابق، پارٽي بازيءَ جي اختلافن ڪري، سڄو قومي شيرازو بگاڙي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

(2) ٻيو ڪارڻ جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ ڪمزوريءَ جو هن جي نظر ۾ هيءُ آيو تہ جرمنن جي دل ۽ دماغ تان پنهنجي جرمن قوميت جي عصبيت جو اثر گهٽجي ويو هو ۽ ان لاءِ هُن يهودين کي مکيہ ڏوهي ۽ جوابدار ٿي سمجهيو.

هن جي خيال موجب يهوديت هڪ خاص نظريي جي حامل هئي، جنهن نسل، جاگرافيائي حدن جي وطن ۽ اُن جي ڪلچر، زبان ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي هزارن ورهين جي تاريخي ارتقا جي ذريعي بڻيل قومن جي وجود کي ختم ڪري، قومن جو وجود ڪن خيالي نظرين، جذبن ۽ مذهبي عقيدن جي بنياد تي قائم ڪيو هو ۽ اِئين جديد نئشنلزم (قوميت) جي شيرازي ۽ عصبيت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. هن جو خيال هو تہ جرمن قوم ۾ قومي عصبيت گهٽ ٿي ويئي هئي، سا بہ اُن يهوديت جي اثر ڪري ۽ اُن جي سازشي ڪوشش سبب، ۽ اُن ئي ڪين ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. آسپاس وارين ڪيترين قومن کي گهٽ ئي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي تسلط هو. ليڪن جرمن قوم جڏهن بہ پنهنجي ترقيءَ ۽ اقتدار لاءِ ڪوشش ٿي ڪئي، تہ ان جي راهہ ۾ رڪاوٽون وڌيون ٿي ويئون، ۽ اُنهن رڪاوٽن کي مذهب، جمهوريت ۽ ڪميونزم جي نظرين جي نالن ۾ ۽ انهن جي مدد سان مضبوط ڪيو ٿي ويو جن تنهي نظرين کي هُن يهوديت جي پيداوار ٿي سمجهيو.

جوش ۽ مصيبت جي حالت ۾ دماغي توازن ٺيڪ نٿو رهي. هٽلر کي بہ اُن وقت ڏسڻ ۾ آيو تہ اُهي سڀ ڳالهيون سيميٽڪ (سامي) تخيل جو نتيجو هيون. جمهوريت ۾ هن کي مادي ۽ ذهني قوت تي تعداد جي تفوق ۽ آڪرائي جو راز لڪل نظر آيو. ڪميونزم ۾ بہ ساڳي اُها ڳاله ۽ پڻ قوم پرستيءَ جي دشمن نظر آيس. دنيا جي مکيہ مذهبن، ڪرسچئنٽي ۽ اسلام، کي هن يهوديت جي پيداوار ٿي ڄاتو. انهن سينني جي فروغ ۾ هن کي قوميت جو موت ٿي نظر آيو. جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر اقبال کي وطنيت ۾ (جا ساڳئي وقت قوميت بہ آهي) مذهبن جو موت ٿي نظر آيو اهڙيءَ طرح هٽلر وري مذهبن کي قوميت جو (جا ساڳئي وقت وطنيت نہ آهي) دشمن ٿي ڄاتو.

حقيقت ۾ مذهب (دين) توڙي قوميت، جڏهن مطلق حق ۽ فوقيت جا نعرا هٽي سامهون اچن ٿا، تڏهن اُهي ٻيئي سامراج جا هٿيار بڻجي ڪم ڪن ٿا. مذهب جو مطلق حق ذهني سامراج هو ۽ وطن يا قوم جو غير محدود ۽ غير مشروط تفوق مادي سامراج هو.

نظرياتي بنيادن تي بين الاقوامي خيالن جي پرچار ۾ يهودين کي اڳرو ڏسي، انهن جو مخالف ٿي بيٺو هو. اهڙيءَ طرح هن جمهوري نظام کي بہ جرمن قوم ۾ انتشار ۽ ڪمزوري پيدا ڪرڻ لاءِ جوابدار ٿي سمجهيو.

اِئين تہ قديم يونان جي زماني کان وٺي جمهوريت ۽ آمريت جي نظرين تي سياسي مفڪر رايا ظاهر ڪندا پئي آيا آهن. ليڪن هر ملڪ ۾ آمرانہ يا جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ وقتي ماحول ۽ مڪاني حالتون جوابدار ٿين ٿيون.

جرمنيءَ ۾ جمهوريت جي خلاف هٽلر جي نازي تحريڪ جي زور وٺڻ لاءِ هيٺيان ڪارڻ شمار ڪري سگهجن ٿا.

(1) جرمن قوم مان اجا قبيلائي عصبيت گهٽ ڪانہ ٿي هئي.

(2) گهڻي وقت کان جرمن قوم کي، اڳرائيءَ واري قومپرستيءَ (قومي تفوق يا غلبي) جي تعليم ۽ تربيت ذريعي جنگجو بڻايو ويو هو.

(3) پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ شڪست کائڻ ۽ ناجائز صلح جي شرطن ڪري، جرمن قوم ۾ غيرت ۽ انتقام وارو ردعمل پيدا ٿيو هو.

جنگ کان پوءِ مٿين ڳالهين کان متاثر ٿي، هٽلر، نوڪري ڇڏي، قوم جي وڃايل طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن نئشنل سوشلسٽ (قومي سماج واد) پارٽي ٺاهي. هڪ اخبار ذريعي ان جا مقصد ۽ پروگرام پکيڙڻ شروع ڪيا: اُن ۾ هن جمهوري سرشتي حڪومت کي ملڪ لاءِ نقصانڪار هئڻ جو پرچار ڪيو ۽ جنگي عهدنامن کي رد ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا شروع ڪئي.

ابتدا ۾ هو سوشلزم ذريعي مڪمل اقتصادي انقلاب آڻڻ طرف زياده مائل هو ۽ عام ماڻهن کي اُنهيءَ ئي آسري ۽ آڌار تي ڳنو ڪرڻ شروع ڪيائين. پر اڳتي هلي هن کي محسوس ٿيو تہ ملڪ ۾ شاهوڪار طبقو بہ ڪافي اثر رکندڙ هو. انهن جي مدد کان سواءِ ساريءَ جرمن قوم کي هڪ جاءِ تي متحد ۽ منظم ڪرڻ ڏکيو سوال هو. تنهنڪري انهن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ هن نئشنلزم (قوميت) جي ڳاله کي ترجيح ڏيئي، سوشلزم کي ڪميونزم کان علحده نہ ڄاڻي، جرمن قوم کي پنهنجين وڃايل ڪالونين هٿ ڪرڻ ۾ طاقتور بڻائڻ لاءِ، آريا نسل جي بنياد تي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

هن 1923ع کان پنهنجي اِنهن خيالن جي آڌار تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سنہ 1930ع ڌاري سندس پارٽي زور وٺي ويئي، جنهن ۾ ڪيئي لک ميمبر شامل ٿي ويا.

1932ع ۾ جڏهن پريزيڊنٽ جي چونڊ ٿي، تہ هن جي ڌُر کي ڏيڍ ڪروڙ ووٽ مليا. ان ڪري هن کي وزارت ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏني ويئي: ليڪن هن مستقبل کي خيال ۾ رکي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ 30 جنوري 1933ع تي چانسلر سليشر جي جاءِ تي هو جرمن قوم جو چانسلر مقرر ٿيو. سِگهوئي جرمن پارليامينٽ، جا 'ريچستئگ' سڏبي هئي، هن کي چئن سالن لاءِ ڊڪٽيٽري اختيار ڏنا.

اهڙيءَ طرح طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ هن هر انهيءَ شيءِ کي، جا سندس مقصدن ۽ اقتدار جي سامهون هن کي رڪاوٽ ڏسڻ ۾ آئي، بيدرديءَ سان ڪچلڻ شروع ڪيو. پريس تي ضابطو رکيائين. مخالفن کي سزائون ڏنائين. 1934ع ۾ خود پنهنجيءَ پارٽيءَ ۾ جيڪي رقيب نظر آيس، تن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. هن جلد ئي يهودين کي تنگ ڪري، ملڪ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ اُن لڏ پلاڻ ۾ ڪيترا جرمن يهودي ختم ٿي ويا.

هٽلر غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ هو. ساري عمر شادي نه ڪيائين. چي، سندس معشوق ملڪ جي خدمت هئي، عورت اُن جي جاءِ وٺي نٿي سگهي. گوشت نه کائيندو هو. شراب پيئڻ کان پري هوندو هو. زالن جي صحبت طرف مائل نه هو. پيسي سان ڪا به رغبت نه هوندي هيس. ڪم ڪرڻ کان جڏهن واندو ٿيندو هو ته اڪيلائيءَ ۾ غور ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو. سواءِ مخصوص ماڻهن جي، عام سان گهاٽو نه ٿيندو هو. شخصي دوست ڇِٽا هوندا هئس.

ابتدا ۾ هيءُ رومن ڪيٿولڪ مذهب جو پوئلڳ هو. پر جڏهن طاقت ۾ آيو ته جرمن قومپرستيءَ جي راهه ۾ مذهب کي رڪاوٽ ڄاڻي، اُن کان ٿهڻ ۽ متنفر ٿيڻ لڳو.

هيُ هڪ يڪ خيالو ۽ يڪ دليو انسان هو. هن جي ڪم جا طريقا ۽ رٿائون بدلبيون رهنديون هيون پر هن جا بنيادي مقصد ڪڏهن به نه بدليا هئا- جيڪي هر حالت ۾ هڪ مضبوط ۽ طاقتور جرمنيءَ جي پيدا ڪرڻ لاءِ مخصوص ۽ وقف هوندا هئا. ان پنهنجي منزل جي حصول لاءِ هُو هر قسم جي ابن الوقتيءَ ۽ ڦيرين گهيرين وغيره کان به نه هٻڪندو هو. بنيادي مقصد بهرحال هر صورت ۾ ۽ هر وقت سامهون هوندو هوس.

هو باهمت ۽ مضبوط ارادي جو مالڪ هو. جيئن ڪم گهڻو ٿيندو هوس يا سندس راهه ۾ رڪاوٽون پونديون هيون، تيئن سندس ارادي جي قوت ۽ عمل جو جذبو زور وٺندو هو.

هو ملٽريءَ ۾ رهي چڪو هو ان ڪري نظام ۽ ضابطي جو ماهر هو. ٿوري وقت اندر ساٿين جي مدد سان، نمائشي طريقن ۽ سخت پروپيگنڊا ذريعي، هن جرمن قوم جي ڪثرت تعداد ماڻهن کي، جوش ۽ نفرت جي لهر ۾ لوڙهي، فڪر ۽ سمجه کان موڙي، جرمن قوم جي عظمت لاءِ، نسلي بنياد تي منظم ڪري ورتو.

هن پنهنجن ماڻهن کي قومي وقار حاصل ڪرڻ لاءِ جوش ڏياريو ۽ اُنهن جي غيرت کي للڪاريو. ۽ جرمنيءَ جي سمورين بي غيرتين ۽ ڪمزورين لاءِ يهودين کي جوابدار ٺهرائي، اُنهن لاءِ جرمن قوم جي دلين ۾ نفرت جا آڙاهه ٻاري ڇڏيا. اهي ٻيئي هن جا نسخا جرمن قوم ۾ عارضي اتحاد ۽ جوش پيدا ڪرڻ لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيا.

هن جي سامهون جرمن قوم ۽ ملڪ جو مفاد، جيئن هُن اُن کي سمجهيو ٿي، سڀ کان بالا هو. انهيءَ راهه ۾ هن مذهب ۽ ڪميونزم جي نظرين کي رڪاوٽ ٿي سمجهيو. هن جي نظر ۾ هيءَ ڳالهه بہ آئي تہ اُن وقت دنيا ۾ يهودي قوم ئي هئي، جا ٻين ملڪن ۾ رهي بہ مذهب جي بنياد تي پنهنجو قومي وجود قائم رکيو آهي.

هن جي عملي سياست جي تجربي هن کي ذهن نشين ڪرايو هو تہ بين الاقوامي مفاد جو وجود عملي دنيا ۾ عدم پيدا هو. "هاٿيءَ جا ڏند ڪائڻ لاءِ هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا." اُن وانگر جن ماڻهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿي، تن جو عمل ان جي مخالف هو. عملي دنيا ۾ هر ڪا قوم ۽ هر ڪو ملڪ پنهنجي پنهنجي ترقيءَ ۽ اقتدار لاءِ ڪوشان هو.

هن ڏٺو ٿي تہ جرمني، جديد علم، هنر، جنگي طاقت ۽ تعداد ۾ زياده هجڻ جي باوجود، ڪن نظرين جي پرچار ڪري، ڪمزور ٿي ويئي هئي ۽ ڪمزور بڻائي ويئي هئي. جيڪڏهن ننڍين قومن جي آزاديءَ جو اصول حق ۽ انصاف وارو هو تہ پوءِ انگلنڊ، فرانس، هالنڊ، پورچوگال وغيره ملڪن جي ماتحت ملڪن کي ڇو نہ ٿي آزادي ڏني ويئي!

هن بين الاقوامي جماعت جي وجود ۽ ننڍين ملڪن جي آزاديءَ جي اهڙيءَ گفتگوءَ کي صرف جرمن قوم کي طاقت کان ٻاهر ۽ ڪمزور رکڻ لاءِ ڏوڪو ٿي سمجهيو. تنهن ڪري هن پنهنجي مخالف سامراجي طاقتن کي صاف ۽ ظاهر ظهور چئي ڏنو تہ اوهان ڇئو هڪ ڳالهه ٿا ۽ ڪريو ٻي ڳالهه ٿا; اسين، جا ڳالهه ڪرڻ گهرون ٿا، اُن کي لڪائڻ مناسب نٿا ڄاڻون.

هٽلر پنهنجي مخالفن جي عقلي چالبازين جي ڦندي کان قوم کي بچائڻ ۽ اُن کي خيال ۽ عمل جي دنيا ۾ چست ۽ چوبند رکڻ لاءِ، خوف ۽ نفرت جا ذريعا ڪارآمد سمجهيا.

اُن سموري ڪم ۾ جرمن قوم جا بهترين دماغ ساڻس شريڪِ ڪار هئا. جن ۾ بہ سندس مکيہ ساٿي ٽي ماڻهو هئا ـ جنرل گوئرنگ، ڊاڪٽر گوبلس ۽ ڊاڪٽر شاخت. جنهن صورت ۾ ٿوري عرصي اندر جرمنيءَ کي طاقتور بڻائي، سڄيءَ دنيا کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏڻ جو جوابدار انهن کي بہ بڻايو وڃي ٿو ان ڪري اُنهن ٽن جو مختصر احوال بہ هيٺ ڏجي ٿو.

# جنرل گوئرنگ

هيءُ جرمنيءَ جي بئويريا صوبي جي ڳوٺ روزنهيم ۾ 12 جنوري 1893ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ ڏکڻ الهندي آفريڪا جي جرمن ڪالونيءَ ۾ گورنر جنرل هو. اهڙيءَ طرح وڏي بيٺل خاندان جي فرد هئڻ سبب، هيءُ بهترين تعليم حاصل ڪري، 21 سالن جي عمر ۾، جرمن فوج جي هوائي جهازن واري شعبي ۾ نوڪريءَ ۾ گهڙيو. اُتي هو 1915ع ڌاري اسڪواڊرن ليڊر ٿيو. پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي وقت هن مخالفن جا ٽيويه (23) هوائي جهاز ڪيرايا هئا، جنهن ڪري هن کي وڏو تمغو انعام مليو هو.

جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ اتحادين جيڪي شرط جرمنن تي مڙهيا هئا، انهن ۾ هڪ اُهو بہ هو تہ گوئرنگ جي هوائي جهازن جي اسڪواڊرن کي زوريءَ تباهہ ڪرايو ويو هو. ان جو هن کي سخت صدمو هو. اُن ڏينهن کان هن فيصلو ڪيو هو تہ اُن بيعزتيءَ ۽ ظلم جو هڪ ڏينهن هو ضرور انتقام وٺندو.

ان کان پوءِ جرمنيءَ ۾ حالتون رهڻ جي لائق نہ ڏسي، هن سئيڊن وڃي، هوائي جهازن جي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪئي. اُتي هڪ خاندان گهر جي عورت بئرونيس ڪرينفاڪ سان شادي ڪيائين. سڄو وقت ان سان وفادار رهندو آيو. اُن جي انتقال بعد ٻي شادي ڪيائين. جڏهن جرمنيءَ ۾ قومي هلچل زور ورتو تہ هيءُ موٽي ملڪ آيو ۽ هٽلر جو دست راست ٿي، ڪم ڪرڻ لڳو ۽ نيٺ سندس جنگي صلاحڪار بڻجي ويو. عمدين ڊريسن پهرڻ، سٺي کاڌي کائڻ، نمائشي زندگي گذارڻ سان خاص دلچسپي هيس.

هن جرمنيءَ جي هوائي ٻيڙي کي خاص طرح زور وٺايو. جنگي فن ۾ خاص مهارت هيس.

سندس حملا اهڙا رٿائتا ۽ مؤثر هوندا هئا، جو ٿوري وقت اندر وڏيون طاقتور فوجون، جرمن حملي جو تاب جهلي نہ سگهنديون هيون.

هزارها هوائي جهازن، ٽئنڪن، هٿياربند گاڏين، موٽر سائيڪل دستن ۽ جديد هٿيارن سان دشمن تي اچانڪ ۽ ڀرپور حملو ڪندو هو. آسٽريليا، زيڪوسلويڪيا، بيلجم، هالنڊ، پولينڊ ۽ فرانس تي انهيءَ طوفاني ڀرپور حملن واري طريقي سان ئي هُن ٿوري ٿوري عرصي ۾ تسلط ڄمائي ورتو. انگريزن کي ڊنڪرڪ واريءَ شڪست ڏيڻ جو بہ هن جي سِر تي سهرو هو.

جيڪڏهن هٽلر بهترين جرمن ليڊر ثابت ٿيو تہ گوئرنگ بهترين فوجي سپہ سالار هو. گوئرنگ پنهنجي معجزي جهڙين جنگي ڪاميابين سان، جرمن فوج تي بنه جادو ڪري ڇڏيو ۽ هو انداذا سندس پٺيان هلندا هئا. گوئرنگ جي جرمن لشڪر ۽ هٿيارن جو ساريءَ دنيا تي ڌاڪو ويٺل هو.

# ڊاڪٽر گوبلس

هيءُ جرمنيءَ جي رائين لنڊ علائقي ۾ 1897ع ۾ ڄائو هو. هن هيڊلبرگ يونيورسٽيءَ مان علم ۽ فلسفي ۾ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. هو هڪ اسڪول ماستر جو پٽ هو. هن ڪيترا ڪتاب لکيا هئا ۽ وڏو اديب هو.

پهرينءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ کي شڪست اچڻ تي جن جرمن محب وطنن کي صدمو پهتو انهن مان هيءُ بہ هڪ هو. ان ڪري 1922ع ڌاري ميونچ ۾ جڏهن نازي پارٽيءَ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ هيءُ اُن ۾ شامل ٿيو ۽ هڪدم پارٽيءَ جي مکيہ تقرير ڪندڙن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

سحربيانيءَ ۾ هٽلر کان پوءِ ٻيو نمبر هيءُ هو. صحافت ۾ خاص لياقت هيس. ان ڪري اڳتي هلي کيس برلن ۾ ' انگرف ' نالي اخبار ذريعي پارٽيءَ تنظيم ۽ پروپيگنڊا جو ڪم سپرد ڪيو ويو جنهن ۾ هن نهايت هوشياريءَ ۽ اورچائيءَ سان ڪم ڪيو.

پارٽيءَ جي طاقت ۾ اچڻ تي پارٽيءَ ۽ سرڪار جي پروپيگنڊا ۽ نشر و اشاعت جي چارج هن جي حوالي ڪئي ويئي. اُن ۾ هن پاڻ کي نهايت ڪامياب ثابت ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ پروپيگنڊا جو مکيہ مقصد عوام جي دلين کي هٿ ڪرڻ هو. ۽ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ صحيح يا غلط طريقن جي خيال ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي.

هو چوندو هو تہ ”عوام جا حافظا تمام ڪمزور آهن ۽ هو هرو ڀرو ڳاله جي تہ ۾ وڃڻ جا عادي بہ نہ آهن. جيڪڏهن صفا بي بنياد ڳاله بہ ڏهہ ڀيرا دهرائي، سندن اڳيان پيش ڪبي، تہ اُن کي هو مڃڻ لڳندا.“

هن جي عملي پاليسيءَ لاءِ اختيار ڪيل نقطن مان هڪ اهو بہ هو تہ جرمن قوم جي ترقيءَ لاءِ ڪتاب ۽ تلوار (پروپيگنڊا ۽ ملٽري طاقت) ضروري ڳالهيون هيون.

اِهو ساڳيو نظريو ملا واري اسلام جو بہ مکيہ نقطو ٿي رهيو آهي. هُن ملن کان اهو سبق سکيو هو يا موجوده وقت جا ملا هن جي ڪاپي ٿا ڪن، تنهن جو پتو پوڻ مشڪل آهي. ملو بہ قرآن ۽ تلوار کي

اسلام پکيڙڻ لاءِ ضروري شيون سمجهي ٿو. جهاد جو نظريو بہ اُنهيءَ نقطي نگاهہ جو جزو آهي. ان ڪري بعضي ماڻهو اِنهيءَ راءِ جا آهن تہ تعصبي مذهب جو اِهو نقطي نگاهہ ۽ فاشزم ساڳي ڳاله آهي.

هن جو چوڻ هو تہ آمرانہ حڪومت جو مکيہ اصول اهو هئڻ گهرجي تہ سڄيءَ پريس تي حڪومت جو ضابطو هئڻ گهرجي. ان ڪري هن اهو طريقو اختيار ڪيو هو تہ اخبارن ۾ جيڪي بہ لکڻ ۾ اچي، سو حڪومت جي اجازت ۽ اشاري سان ئي لکجي.

هن سندس پروپيگنڊا جا مکيہ مقصد هيٺيان مقرر ڪيا هئا:

1۔ جمهوريت کي جرمن مفاد لاءِ نقصانڪار ثابت ڪرڻ.

2۔ جرمن قوم ۾ يهودين لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ.

3۔ جرمن قوم جي عظمت، صلاحيت ۽ برتري بيان ڪرڻ.

4۔ خوف ۽ نفرت جي بنياد تي جرمن قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ.

اها پروپيگنڊا هن اهڙي نموني ڪئي، جو ساريءَ قوم تي جادو ٿي ويو ۽ هو نازي اڳواڻن جي هر ڳاله کي صحيح ۽ فائديمند سمجهي، اکيون پوريو سندن پٺيان هلڻ لڳا ۽ هلندا رهيا.

اڄ بہ اڪثر حڪومتون ڊاڪٽر گوبلس جي سيکاريل اِنهن طريقن مان فائدو وٺي رهيون آهن.

# ڊاڪٽر شاخت

هيءُ جرمنيءَ جي صوبي سليوگ جي ٽنگلف شهر ۾ جنوري 1877ع تي ڄائو هو. هيءُ ڊين نسل مان هو. سندس اصل نالو 'جالما هوريس گريلي شاخت' هو.

هن جرمنيءَ جي مختلف يونيورسٽين ۾ تعليم ورتي، فلسفي جي علم ۾ ڊاڪٽريءَ جي سند ورتي. سگهوئي هو ڊريسڊنير بئنڪ ۾ ڪلارڪ طور نوڪريءَ ۾ گهڙيو جتي آهستي آهستي ترقي ڪري، 1908ع ڌاري ڊيپوٽي ڊائريڪٽر ٿي ويو.

1923ع ۾ هن کي ڪرنسي (ضربخاني) جو ڪمشنر ڪري، سرڪاري نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. اُتي هن جرمن مارڪ جو مُله رينٽمارڪ ايجاد ڪرڻ سان بچائي ورتو. جنهن ڪري جرمن سِڪو ۽ اُن سان گڏ سڄي جرمن خزاني جي حالت سڌري ويئي. اُنهيءَ خدمت جي صلي ۾ کيس جرمن اسٽيٽ بئنڪ جو پريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو جتي هو 1930ع تائين ڪم ڪندو رهيو.

ان کان پوءِ نازي تحريڪ زور ورتي، طاقت ۾ آئي، تہ هيءُ اُن جو مکيہ رڪن ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي وقت کان اڳ ۽ جنگ جي عرصي ۾ جڏهن جرمنيءَ کي جنگ جي تيارين لاءِ گهڻي پيسي يا سامان جي ضرورت هئي ۽ يورپ جا اڪثر شاهوڪار ملڪ ساڻن تعاون ڪرڻ جي خلاف هئا ۽ هنن جون واهون بند ٿيل هيون، تڏهن هن شخص جرمنيءَ جي مالي حالت کي اهڙو محفوظ رکيو ۽ مضبوط ڪري بيهاريو جنهن جو مثال ملڻ مشڪل هو. ان کي اقتصاديات جي دنيا ۾ **"شاخت جي ڪرامت"** چيو وڃي ٿو. هن ڪچي مال جي متاسنا (بارٽر) ذريعي واپار ڪرڻ، مهانگو وٺي سستي اگه تي وڪڻڻ، قرض ڪٽي هنر ۽ واپار کي زور وٺائڻ، قرض وارن کي چوڻ تہ قرض ڏيئي ڪين سگهندس جيستائين مون کان خريد نہ ڪندؤ وغيره. طريقن جي ايجاد ڪئي، جن جي اڄ تائين اڪثر مالي ماهر پوئلڳي ڪري رهيا آهن.

مٿين چئن جرمن اڳواڻن جي مختصر احوال پيش ڪرڻ کان پوءِ، هاڻ آءٌ نازي دؤر حڪومت ۽ ٻي مهاڀاريءَ لڙائي جي آخر تائين جرمن سياست جو مختصر ذڪر ڪندس.

مٿي ڄاڻائي آيو آهيان تہ 1933ع ڌاري هٽلر جي پارٽي سموري جرمن حڪومت پنهنجي تسلط هيٺ آڻي چڪي هئي. ٿوري ئي وقت ۾ هٽلر، جرمنيءَ کي طاقتور بڻائي، سڀ کان پهرين ورسيلز عهدنامي جي ماتحت جرمنيءَ تي رکيل جنگي تاوان (ڇٽين) ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

اُن کان پوءِ اُنهيءَ عهدنامي موجب جرمنيءَ جي رائين لئنڊ پرڳڻي تي، جو 15 سالن تائين اتحادين جو قبضو رهڻو هو، ان کي رد ڪري، مارچ 1936ع ۾، هُن ان تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو.

ساڳئي عهدنامي موجب جرمنيءَ جي حڪومت کي هڪ لک کان مٿي لشڪر نہ رکڻو هو ۽ اُن لشڪر کي بہ معمولي هٿيار رکڻا هئا. ان شرط کي بہ هن موقعو وٺي پيچي، جرمن لشڪر ۾ اُن جي هٿيارن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو- ڇي، روس ۽ فرانس عهدنامي موجب لشڪر نہ گهٽايو هو تنهن ڪري هيءُ بہ عهدنامي جي پوئواري ڪرڻ لاءِ ٻڌل نہ هو.

سندس اُنهيءَ قدم کان خوفزده ٿي، انگلنڊ، فرانس ۽ اٽليءَ گڏجي 11 اپريل 1936ع تي جرمنيءَ خلاف گڏيل محاذ قائم ڪيو. ازان سواءِ ليگ آف نيشنس کان، جرمنيءَ جي عهدنامي جي شرطن ٽوڙڻ تي، اتحادين نِندا جا ٺهراءَ پاس ڪرايا. پر هٽلر تي انهن ڳالهين جو ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. هيءُ ڏينهان ڏينهن ويو جرمنيءَ کي طاقتور بڻائيندو. مرڳو ليگ آف نيشنس جي ٺلهن ٺهرائن پاس ڪرڻ ڪري خود ليگ آف نيشنس جو پنهنجو وقار گهٽبو ويو.

سال 1936ع جي 14 نومبر تي، هٽلر وري بہ ورسيلز جي عهدنامي جي پيچڪڙي ڪري، جرمنيءَ جي حدن ڪي بين الاقوامي حدون تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان کان پوءِ 25 نومبر تي جپان سان ائنٽي ڪامنٽرن (ڪميونسٽ ملڪن خلاف) پئڪٽ ڪيو.

اُنهيءَ وقت ڏاري اتحادي قومون گذريل مهاڀاري لڙائيءَ جي ٿڪاوٽ، خودغرضين ۽ سندن تسلط هيٺ آيل ملڪن ۾ آزاديءَ جي تحريڪن جي زور وٺڻ ڪري ايتري قدر مرعوب ٿي ويئون هيون، جو ليگ آف نيشنس مان جرمنيءَ خلاف ملامت جي ٺهراءَ پاس ڪرائڻ جي باوجود، هو وڌيڪ ڪو قدم کڻي نہ سگهيون. ڇاڪاڻ تہ هٽلر جي سچيءَ اِن آڪرائيءَ ڪري هُنن پنهنجن بيروني مفادن کي ترت نقصان جو انديشو نہ ٿي ڄاتو. بلڪ ڪن حالتن ۾ پاڻ انهن ٺهرائن جي خلاف طاقت ورزيءَ جا هو پاڻ مددگار ٿي رهيا: جهڙيءَ طرح اٽليءَ جي حالت ۾ ڪيائون. اُن جو قصو هيئن آهي تہ اٽليءَ ۾ آيل ڊڪٽيٽر مسولنيءَ حبش جي ملڪ تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو هو. اُن تي اتحادين، دنيا جي عام راءِ کان متاثر ٿي، اُن ڪُليءَ ڏاڍائيءَ خلاف ليگ آف نيشنس کان اٽليءَ جي ننندا جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. پر اُن جي باوجود هنن جي مکيہ ميمبر، انگلنڊ، 2 جنوري 1937ع تي اٽليءَ سان باهمي مفاد جي بنياد تي سمجهوتو ڪري ڇڏيو. جنهن جي اڻ سڌيءَ طرح معنيٰ اهائي نڪتي تہ اٽليءَ جو حبش تي قبضو تسليم ڪيائون ٿي.

جرمنيءَ ۾ هٽلر جي زور وٺڻ کان پوءِ، جيڪي عهدنامن خلاف پيچڪڙيون ٿيڻ لڳيون هيون. ان تي ناراض ٿيڻ جي عيوض انگريزن هٽلر کي راضي رکڻ ۽ ٿڌي ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.

1935ع ۾ انگريزن جرمنيءَ سان بحري عهدنامو ڪيو.

17 نومبر 1937ع تي لارڊ هئليفاڪس کي هٽلر سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ جرمنيءَ موڪليو ويو جنهن واپس اچڻ کان پوءِ هن جي تعريف ڪئي.

ٻئي پاسي، فرانس، هٽلر جي اهڙين ڪاروائين کان خوفزده ٿي، انگريزن جي ڍلهڙي پاليسي ڏسي، پنهنجي وزير خارجہ ڊيلبس کي پولنڊ، رومانيا، يوگوسليويا ۽ زيڪوسلويڪيا ڏانهن جرمن خلاف محاذ قائم ڪرڻ واسطي ڳالهين لاءِ موڪليو جن وٽان سندس حوصلي افزائي ڪانہ ٿي.

اهڙين حالتن کي ڏسي، هٽلر بي ڊپو ٿي پيو ۽ ورسيلز عهدنامي جي شرطن ۽ ليگ آف نيشنس جي ٺهرائن خلاف آسٽريا تي مارچ 1938ع ۾ زوريءَ قبضو ڪري، اُن کي هُن جرمنيءَ سان ملائي ڇڏيو. ليڪن ان تي بہ اتحادين مان ڪنهن ملڪ کي طاقت نہ ٿي، جو ڪجھ قدم کڻي.

جڏهن هٽلر ڏٺو تہ اُنهن ڳالهين تي جيتوڻيڪ ظاهري طرح انگلنڊ ۽ فرانس ڪُڇيا ڪونہ ٿي پر اندروني طرح مخالفت لاءِ تياريون ڪري رهيا هئا. تڏهن هن 9 مئي 1938ع تي اٽليءَ جي ڊڪٽيٽر مسولنيءَ سان گڏ عهدنامو ڪري، ٻنهي فسطائي ملڪن جي دوستيءَ کي مضبوط ڪيو. اُن تي انگريزن جا اٽليءَ سان ڪيل سمجهوتا بيڪار بڻجي ويا. نيٺ انگلنڊ ۽ فرانس پاڻ ۾ اتحاد کي مضبوط ڪرڻ جا رستا اختيار ڪيا. جولاءِ 1938ع ۾ انگلنڊ جي بادشاهہ جارج ڇهين ۽ راڻيءَ ايلزبيٿ کي فرانس ۾ ٻنهي ملڪن جي دوستيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.

ڪجھ وقت اڳي هٽلر پنهنجي تقرير ۾ زيڪوسلويڪيا جي جرمن اقليت جي حَقن جي حفاظت جو اعلان ڪيو هو. جنهن تي زيڪوسلويڪيا جي وزير اعظم، موز جواب ڏنو هو تہ هو پنهنجي ملڪ ۾ ٻاهرين دست اندازي برداشت نہ ڪندو. آسٽريا تي جرمنيءَ جي قبضي ٿيڻ بعد حالتون گهڻيون بدلجي چڪيون هيون. ۽ زيڪوسلويڪيا ٽن طرفن کان جرمنيءَ جي گهيري ۾ اچي چڪو هو. بهرحال، فرانس ۽ رشيا، زيڪوسلويڪيا جي مدد جو اعلان ڪيو پر حالتون اهڙي نازڪ صورت اختيار ڪري چڪيون هيون، جو زيڪوسلويڪيا کي لاچار جرمنيءَ سان ناهہ جو ڳالهيون ڪرڻيون پيون. پر اُنهن مان جرمنيءَ جي پنهنجي مرضيءَ موجب نتيجو ڪونہ نڪتو. تڏهن هٽلر جنگ جي ڌمڪي ڏيئي، ظاهر ڪيو تہ هو جرمن اقليتن واري زيڪوسلويڪيا جي حصي کي جرمنيءَ سان ڳنڍي ڇڏيندو.

اُن تي انگريزن، بجاءِ اِن جي تہ زيڪوسلويڪيا جو ڪو بچاءُ ڪن، سڌيءَ طرح ٻنهي جي وچ ۾ سمجهوتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان جو بہ هٽلر تي ڪو اثر نہ ٿيو. آخر 29 سيپٽمبر 1938ع تي ميونچ ۾ هڪ ڪانفرنس گڏ ٿي، جنهن ۾ جرمنيءَ طرفان هٽلر ۽ ربنتراف، اٽليءَ طرفان مسولني ۽ ڪيانو ۽ فرانس طرفان ڊاڊليئر، ۽ انگلنڊ طرفان چيمبرلين عيوضي گڏ ٿيا. اُن ميٽنگ ۾ زيڪوسلويڪيا جو ڪو بہ عيوضي ڪونہ هو. ميٽنگ ۾ سڀني شامل ملڪن گڏجي، زيڪوسلويڪيا جي رضامنديءَ کان سواءِ، اُن جي ورهائڻ واري عهدنامي تي صحيحون ڪيون، ۽ پهرين آڪٽوبر 1938ع تي يعني ٻئي ڏينهن، زيڪوسلويڪيا کي سندس ملڪ جا جرمن اقليتن وارا حصا جرمنيءَ جي حوالي ڪرڻ جو مشورو ڏنائون. ڪمزور زيڪوسلويڪيا مجبور ٿي، اهو فيصلو قبول ڪيو. اِنهيءَ طرح هٽلر جيڪي گهريو ٿي، سو بنان جنگ جي کيس ملي ويو.

اُن کان پوءِ هٽلر جو وچ يورپ جي ملڪن تي ڌاڪو ويهجي ويو ۽ اتحادين جي ڪمزور ۽ قلهڙي پاليسي سڄيءَ دنيا تي ظاهر ٿي ويئي.

ٻئي سال جي مارچ مهيني ۾، هٽلر بنان سبب جي اڳتي وڌي، سڄي زيڪوسلويڪيا تي قبضو ڪري ورتو ۽ پولينڊ جي ميمل ايراضيءَ کي بہ پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.

آخر ۾ جرمنيءَ جي وڌندڙ حرص ملڪ گيريءَ کان خوفزده ٿي، انگلنڊ ۽ فرانس پولينڊ کي آئنده ڪنهن اهڙي صورتحال ۾ مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو.

اُنهيءَ ڳاله کي منهن ڏيڻ لاءِ جرمنيءَ، اٽليءَ جپان ۽ اسپين جي چئن فسطائي نظريي ۾ اعتقاد رکندڙ حڪومتن پاڻ ۾ متحده محاذ قائم ڪيو. جلد ئي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ هڪ قدم اڳتي وڌائي، پاڻ ۾ ملٽري پئڪٽ ڪيو.

ساڳئي سال ۾، 23 آگسٽ 1939ع تي، جرمنيءَ ۽ رشيا جي حڪومتن، پاڻ ۾ جنگ نہ ڪرڻ جو عهدنامو ڪيو.

انهن ڳالهين کان متاثر ٿي، آمريڪا جو پريزيڊنٽ، مسٽر روزويلٽ، پولينڊ ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جرمني پنهنجي تقاضائن کي گهٽائڻ لاءِ تيار نہ ٿي. ان ڪري ڪوبہ سمجهوتو ٿي نہ سگهيو.

جنهن کان پوءِ جرمنيءَ، پولينڊ جي ورهاڱي لاءِ پنهنجي 16 نڪتن واري تجويز 31 آگسٽ 1939ع تي، ظاهر ڪئي، ۽ ٻئي ڏينهن يعني پهرين سيپٽمبر 1939ع تي وڌي اُن تي حملو ڪري ڏنو. ۽ اِئين زوران زوريءَ اُن جو ڊانزنگ وارو ساموندي بندر پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.

3 سيپٽمبر 1939ع تي، انگلنڊ ۽ فرانس، مجبور ٿي، جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو ۽ اِئين ٻاويهن سالن جي انڌي منڌي صلح کان پوءِ، يورپ ۾ ٻيءَ مهاياري لڙائيءَ جي شروعات ٿي.

# فصل ٽيون

**اٽلي:**

اٽلي يورپ جو ٻيو ملڪ هو جنهن ۾ فسطائي طريقي جي حڪومت مسوليني جي هٿ هيٺ قائم ٿي هئي. اُنهيءَ به، هٽلر وارا طريقا اختيار ڪري، پر وارن ملڪن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪري، عظيم اطالوي سامراج جا نعرا هنيا. جيئن ته ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمني ۽ اٽلي هڪ طرف هئا ۽ سندن اُن اتحاد ۽ شراڪت جو مکيه ڪارڻ سندن سياسي نظريي ۽ عمل جي هڪ جهڙائي هئي، اِن ڪري جرمنيءَ کان پوءِ اٽليءَ جي ملڪي صورتحال ۽ اُن جي مُک سربراه جو ذڪر دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو.

گهڻي وقت کان اٽلي پوئتي پيل ملڪ هو. ان کي نئين سر منظم ڪري، اُتي فاشسٽ طريقي جي حڪومت قائم ڪرڻ ۽ اُن کي هڪ وڏي سامراجي طاقت بڻائڻ جو ذميوار ۽ مُک اڳواڻ مسوليني هو.

مسوليني اٽليءَ جي رومگانا پرڳڻي جي ڊروياڊي پريڊيپيو ڳوٺ ۾ 29 جولاءِ 1883ع تي ڄائو هو. سندس پيءُ جو نالو ايسندرو ۽ ماءُ جو نالو روزا التوني هو.

هن جو پيءُ سوشلسٽ انقلابي خيالن جو هو ۽ ماءُ ماسترياڻي هئي. هن جي ابتدائي زندگي نهايت غربت ۾ گذري، ايتريقدر جو هو گهر ۾ ڪٽ نه هئڻ ڪري، هن کي گاهه وڇائي اُن تي سمهڻو پوندو هو.

مسوليني جي پيءُ جو مکيه پيشو ڪيتي هوندو هو. پر هو لوهارڪو ڌنڌو به ڪندو هو. هن کي سندس ماءُ پهريائين مذهبي تعليم پڙهڻ لاءِ هڪڙي چرچ اسڪول ۾ ويهاريو پر سندس پيءُ پادرين جي خلاف هوندو هو.

پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ مسوليني ماستري ڪرڻ لڳو. جڏهن 19 سالن جو ٿيو تڏهن فوج ۾ زوريءَ ڀرتيءَ جي ڊپ کان ملڪ ڇڏي، سئٽزرلنڊ ۾ وڃي رهڻ لڳو. اُتي هو سِرون وجهي، ۽ ٻي مزوري ڪري، گذر ڪندو هو. اُتي هو آهستي آهستي ٿي، سياسي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. اُنهيءَ ڪري، ڪجه وقت کان پوءِ هن کي سئٽزرلنڊ مان نڪرڻو پيو. پر اُن کان اڳي، سياسي ڳالهين ڪري، هن کي اُتي يارنهن ڀيرا ٿورو ٿورو عرصو جيل ڪاٽڻو پيو. نيٺ هيءُ 21 سالن جي عمر ۾ 1904ع ڌاري موٽي اٽليءَ آيو جتي وري به ماستري ڪرڻ لڳو. ساڳئي وقت هو اخبارن ۾ ليک به لکندو

رهيو. هِنن ڏينهن ۾ هن ڪيترائي ڪتاب بہ لکيا. اُنهن مان سندس ڪتاب ”ڪلاس اسٽرگل“ ملڪ ۾ گهڻي شهرت حاصل ڪئي.

نيٺ 1912ع ۾ ماستري ڇڏي، هيءُ ”اوانتي“ اخبار جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ شروع ٿيڻ کان پوءِ، اٽليءَ جا قومي ڪارڪن ٻن راين ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا غير جانبدار رهڻ جي فائدي ۾ هئا ۽ ٻيا اتحادين سان گڏجي، جنگ ۾ حصي وٺڻ جا حامي هئا. مسوليني ٻئي گروهه سان شامل هو.

آخر جڏهن اٽليءَ اتحادين جو طرف ورتو تہ هيءُ فوج ۾ شامل ٿي، جنگ ۾ لڙيو ۽ زخمي ٿي پيو.

لڙائيءَ کان پوءِ، 23 مارچ 1919ع تي، مسولينيءَ هڪ قسم جي خانگي فوج جهڙي پارٽي ٺاهي، جنهن ۾ جيڪي لڙائيءَ ۾ سندس سولجر هئا انهن کي شامل ڪيائين. پنهنجي اُن پارٽيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ، هو اخبار ”پاپولو دي اٽاليا“ ڪيدي، پرچار ڪرڻ لڳو. هيءَ سندس پارٽي آهستي آهستي زور وٺڻ لڳي. لڙائيءَ کان پوءِ بيروزگار سولجرن جي روزگار، جمهوري وزارتن جي ڪمزورين، اسيمبلي ميمبرن جي خودمطلبين ۽ قوم کي طاقتور بڻائڻ جا سوال هٿ ۾ ڪٽي، هُن عوام کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو. جڏهن هن جي پارٽيءَ زور ورتو تہ لشڪر بہ هن جي پٺڀرائي ڪرڻ شروع ڪئي. سندس طاقت کي وڌندڙ ڏسي، سياستدانن ۽ ڪارخانيدارن بہ هن جي همت افزائي ڪئي ۽ هن جي پارٽيءَ کي مدد ڏني.

ويتر جو 21ـ 1920ع ۾ اٽليءَ ۾ مزورن جي پگهار ۽ مزوريءَ جي اگهن ۾ گهٽتائي آئي، تہ انهن ۾ سخت بيچيني پيدا ٿي، جنهن جو فائدو وٺي، هيءُ پارٽيءَ کي مضبوط بڻائي ويو. مزورن کي ساٿس شريڪ ٿيندو ڏسي، ڪارخانيدار بہ وڌيڪ هن کي اهميت ڏيڻ لڳا ۽ کيس ۽ سندس پارٽيءَ کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ، وڌي وڌي سندس مدد ڪرڻ لڳا.

آڪٽوبر 1922ع ۾ هن روم تي پنهنجي خانگي فوج سان ڪاهہ ڪري، بنا تصادم جي قبضو ڪري ورتو. بادشاهہ کيس ايترو بااثر سمجهي، پنهنجي حڪومت جو وزير اعظم مقرر ڪيو.

مسولينيءَ پهريائين ڪوليشن (گڏيل) وزارت ٺاهي حڪومت هلائڻ شروع ڪئي. پر ڏهن سالن کان پوءِ هن، ٻين گروهن کي وزارت مان ڪيدي، سمورو قبضو پنهنجي پارٽيءَ جي هٿ ۾ رکيو.

هيءُ ڪافي علم ۽ معلومات جو صاحب هو. تقرير ۽ تحرير جي فن تي پورو عبور هوس. هن هڪ ڪتاب زور يا تشدد جي جواز ۾ لکيو هو. هيءُ زور يا تشدد جي فائدي ۾ اهو دليل ڏيندو هو تہ ”طاقت جي اهميت ۽ افاديت کان انڪار ڪرڻ ڌرتيءَ جي ڪشش (ڪشش ثقل) کان انڪار ڪرڻ جي برابر هو.“ هو چوندو هو تہ ”طاقت کان سواءِ حڪومت هلي نہ ٿي سگهي. حڪومت مان سڀ ماڻهو راضي نٿا

ٿي سگهن. تنهن ڪري عوام جي رضامندي سان حڪومت هلائڻ وارو نظريو ئي بيڪار هو. حڪومت ڪان طاقت جو استعمال ڪسي ڇڏجي ۽ ان جو مدار رڳو اصولن تي رکجي، تہ اُها حڪومت منظم ۽ طاقتور گروهن جي محتاج ٿي ويندي“ — چڙ هونئن ئي، يعني عوام جي رضامندي تي هلڻ جي دعوا ڪندڙ حڪومت منظم ۽ طاقتور گروهن جي محتاج ڪانهي!

هيءُ تقدير ۾ گهڻو ويساهہ رکندو هو.

مسوليني‌ءَ جي نظريي حڪومت، جنهن کي هُن پاڻ فاشزم جو نالو ڏنو اُن جي سرشتي حڪومت هيٺ خانگي ملڪيت ۽ خانگي نفعي جو اصول قائم رهي ٿو. ليڪن اُنهن کي حڪومت جي ضابطي هيٺ رهڻو پوي ٿو. انهيءَ حڪومت جو جوڙجڪ جاگرافيائي طور مقرر ڪيل تڪن مان چونڊجي آيل عيوضين جي بدران ڌنڌن جي بنياد تي چونڊيل عيوضين جي هٿ ۾ رهي ٿو. پر اهڙيءَ چونڊ لاءِ اميدوار فقط (فاشسٽ) پارٽي نامزد ڪندي آهي. اُن لاءِ، توڙي ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ ٻيءَ ڪنهن پارٽيءَ جو وجود تسليم نہ ڪيو ويندو آهي. ووٽرن کي فاشسٽ پارٽيءَ جي نامزد ميمبرن کي چونڊڻ لاءِ صرف هائو يا نہ ڪرڻي پوندي آهي.

مسوليني‌ءَ پاڻ هڪ ئي وقت پنهنجي فاشسٽ پارٽيءَ جو ليڊر، رياست جو وزير اعظم، ۽ اُن جي قومي ڪائونسل جو صدر هو.

هُن طاقت ۾ اچڻ ڪان پوءِ کُليوِاِن ڳالهہ جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو تہ يورپ جي ٻين ملڪن کي ڪالونيون (بينڪون، يعني غلام ملڪ) هجن، تہ اٽليءَ کي ڇو نہ هئڻ گهرجن! اُن لاءِ دليل ڏنائين ٿي تہ اٽليءَ جي آبادي سوا 4 ڪروڙ هئي، جا هر سال ڏيڍ لک ماڻهن جي اضافي سان وڌي رهي هئي. ماڻهن جو گذر ڪيتيءَ تي هو. ملڪ ۾ ڪارخانا تمام ٿورا هئا ۽ جتي هئا انهن کي ڪچي سامان جي ڪمي هئي. ملڪ ۾ ربڙ، ٽين، نڪل، ڪپهہ، ڪوئلي، تيل، لوهہ ۽ ٽامي جي ڪوتاهي هئي. جيڪڏهن اٽليءَ کي زنده رهڻو ۽ طاقتور بڻائڻو هو تہ ان جي ماتحت ايراضيءَ کي وڌائڻ ضروري هو.

هُن ڏٺو تہ ايشيا ۽ آمريڪا جا اڪثر ملڪ يورپ جي ٻين سامراجي طاقتن جي هٿ هيٺ هئا. پر حبش جو هڪ اهڙو ملڪ هو. جو سڌو ڪنهن حڪومت جي تسلط هيٺ نہ هو ۽ اُن ۾ ڪچو مال بہ گهڻو هو. ان جي حڪومت بہ ڪمزور هئي. اِن ڪري، هن فوراً اُن ملڪ کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻڻ جو ارادو ظاهر ڪيو.

اِن خيال ڪان پوءِ 3 آڪٽوبر 1935ع تي، هُن حبش تي بنان سبب جي حملو ڪيو. جيئن تہ اُهو ملڪ سوڊان جي پير ۾ هو جو اُن وقت انگريزن جي ماتحت هو ۽ انگريزن جي ايشيا وارين ڪالونين ۽

قبضي هيٺ آيل ملڪن جي رستي تي پڙ هوِ ان ڪري انگريزن اُن مان سندن پنهنجي مفاد کي خطرو محسوس ڪيو ۽ ليگ آف نيشنس کان اٽليءَ خلاف ٺهراءُ پاس ڪرايو جنهن اٽليءَ کي ناحق حملي آور طاقت قرار ڏنو ۽ 18 نومبر تي، ٻئي ٺهراءَ ذريعي، اُن تي پابنديون عائد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

پر مسوليني اُنهن ٺهرائن جي پرواهه نه ڪندي، 5 مئي 1936ع تي حبش جي گاديءَ اديس ابابا تي قبضو ڪري، ساري ملڪ کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻي ڇڏيو ۽ اُن جو 9 مئي 1936ع تي هُن ڪليل اعلان ڪيو.

اُن کان پوءِ، ليگ آف نيشنس کي اتحادين جو اوزار ۽ هڪ بيڪار جماعت سڏيندي، ڊسمبر 1937ع تي مسوليني اُن مان پنهنجي ملڪ جي نڪري اچڻ جو اعلان ڪيو. ان وقت يورپ جي سامراجي طاقتن جو اخلاق ۽ اخلاقي همت ايتري ڪِريل هئي. جو ليگ آف نيشنس جي مکيه ميمبر ۽ جمهوريت جي علمبرداريءَ جي دعوا ڪندڙ انگريزي حڪومت، باوجود اِن جي، جو ليگ آف نيشنس اٽليءَ جي حبش تي حملي خلاف ٺهراءَ پاس ڪيا هئا. 16 نومبر 1937ع تي اٽليءَ سان سمجهوتو ڪري، حبش تي اُن قبضي کي قبول ڪيو ۽ ترت ئي پوءِ فرانس به اُها صورتحال قبول ڪئي.

جڏهن مسوليني ڏٺو ته باوجود اُن جي، جو حبش تي سندس حملي جي مخالفت ڪئي ويئي، آخر ۾ وري به اُن تي سندس قبضي کي يورپ جي ٻن مکيه طاقتن ڪيو هو ۽ ساڳيءَ ريت هوڏانهن آسٽريا ۽ زيڪوسلوبڪيا تي اُنهن ئي طاقتن جي اکين اڳيان هٽلر قبضو ڪري ويو هو تڏهن هن جا حوصلا ويتر وڌي ويا ۽ بنا ڪنهن سبب جي، 7 اپريل 1939ع تي، هُن وڌي، البانيا تي قبضو ڪري ورتو.

اُن کان پوءِ، مئي 1939ع ۾، هُن جرمنيءَ سان جنگي عهدنامو ڪيو. جڏهن اُن سال سيپٽمبر ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، ته جرمني ۽ اٽلي، يعني هٽلر ۽ مسوليني، ٻيئي هڪ ٻئي سان گڏ هئا، ۽ اُنهيءَ ئي لڙائيءَ ۾ ٻنهي جي طاقت جو زوال آيو.

# فصل چوٿون

## 4. انگلنڊ:

يورپ جي مکيہ ملڪن مان انگلنڊ هڪ رهيو آهي. جنهن دور جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي، اُن دور ۾ هيءُ ملڪ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سامراجي طاقت هو. اُن لاءِ مشهور هو تہ اُن جي شهنشاهيءَ تان سج ڪونہ ٿي لٿو. باوجود ايڏيءَ طاقت ۽ ايتريءَ وسيع سلطنت جي پارلياماني طرز حڪومت هلندڙ هئي، جا گهٽي وقت کان اُتي هلندي ٿي آئي، ۽ اجا تائين هلندي اچي ٿي. هن ئي ملڪ ۾ جمهوري قدر رائج هئا ۽ گهٽي قدر اج بہ آهن. هتي ئي دنيا جي مشهور انقلابين ڪارل مارڪس، لينن ۽ سن ييت سين جهڙن کي جاءِ پناهہ ملي هئي. هيءُ ئي مُلڪ هو جنهن پنهنجي نفعي جي خيال کان ئي سهي، پر ٻين جي بچاءَ لاءِ هٿيار کنيا ٿي، ۽ جو ڪم از ڪم نظرياتي طور، جمهوريت ۽ انساني حقن جو قائل ۽ پاڻ وٽ پنهنجي حڪومت ۾ زور زبردستيءَ کان پري هو.

پهرينءَ مهاڀاري جنگ ۾، هيءُ ملڪ زور ڪري اِن لاءِ داخل ٿيو جو يورپ جي حڪومتن جي طاقت جو توازن ٽٽي وڃڻ جو امڪان هو. اُن لڙائيءَ ۾ هن جا اڍائي لک سپاهي مئا ۽ 15 لک سپاهي زخمي ٿيا هئا. ان لڙائيءَ تي سندس خرچ 8 ارب پائونڊ ٿيو هو.

جنگ انگلنڊ ۽ سندس اتحادين کٽي، پر ان کان پوءِ انگريزن کي ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. سندس ماتحت ملڪن مان آئرلنڊ، انڊيا، مصر ۽ ٻين ملڪن ۾ سندن تسلط کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ تحريڪون شروع ٿيون هيون. خود سندن پنهنجي ملڪ ۾ اسٽرائيڪون ٿيون، پر هي سڀني ڳالهين کي نهايت دانشمنديءَ سان منهن ڏيندا آيا.

انگريزن جي ڪاميابيءَ جو مکيہ راز صدين کان اهو رهيو آهي تہ هنن يورپي طاقتن جي وچ ۾ توازن قائم ڪري، پنهنجي طاقت کي فيصلي ڪُن حالت ۾ رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي هئي. پهرينءَ لڙائيءَ ۾ بہ اُن لاءِ گهڙيا، جو ڏٺائون تہ يورپي ملڪن جي طاقت جو توازن ٻيءَ صورت ۾ قائم رهي نٿي سگهيو.

اُن کان پوءِ جڏهن جرمنيءَ ۽ اٽليءَ جي طاقتن، زور وٺي، 1936ع ڌاري اڳرائي اختيار ڪري، اُن توازن کي ٽوڙڻ شروع ڪيو تڏهن هنن جنگ جي خطرن کي ٽارڻ لاءِ ابتدا ۾ ٿوري وقت لاءِ اُن ڳالهہ کي

برداشت ڪيو جو سمجهيائون ٿي تہ اِئين هو ڪجه وقت حالتون قبضي ۾ رکي سگهندا. اُن لاءِ هنن جرمنيءَ سان بحري معاهدو ڪيو ۽ اٽليءَ سان بہ آخر تائين سمجهوتي بازيءَ کان ڪم وٺندا رهيا.

هيڏانهن هندوستان کي پڙ، 1935ع وارن سڌارن ڏيڻ سان، ڪجه ٿڌو ڪرڻ گهريائون. آگسٽ 1936ع تي، پنهنجي هٿ هيٺ محڪوم ملڪ مصر سان سمجهوتو ڪري، ان جي ناراضگي گهٽايائون.

پر جڏهن هنن ڏٺو تہ جرمنيءَ ۽ اٽليءَ وارا پنهنجي زور زبردستيءَ جي روش کان نٿا مڙن، تہ هو فرانس سان تعلقات گهاٽا ڪري، اندروني طور اينڊڙ تصادم لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.

انگريز هڪ عجيب عادتن ۽ روايتن واري قوم آهي. دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن مان بادشاه نڪري ويا آهن، پر هتي بادشاهي سرشتي کي، دستوري طرح ۽ نالي ماتر ئي سهي، پر ڏاڍي پر وقار نموني ۾ هلايو وڃي ٿو. پنهنجي شاهي فرمانروا جي عزت ۾ گهٽتائي ڪانہ ٿا ڪن، پر اختياري ڪا خاص ڪانہ ٿا ڏينِس.

20 جنوري 1936ع تي جارج پنجين، هنن جي شهنشاه ، وفات ڪئي. ان جي جاءِ تي سندس وڏو فرزند ايڊورڊ اٺين جي خطاب سان تخت تي ويٺو. هو هڪ آمريڪي عورت، مسز سمپسن، جي محبت ۾ ڦاسي پيو ۽ ان سان شادي ڪرڻ گهريائين. جيئن تہ اها عورت طلاق ورتل هئي، ان ڪري انگلنڊ جي قدامت پسند ماڻهن کيس اها دل گهري شادي ڪرڻ کان منع ڪئي. اُن تي هيءُ پنهنجي ننڍي ڀاءُ جارج ڇهين جي فائدي ۾ تخت تان دستبردار ٿي ويو ۽ ڊيوڪ آف ونڊسر جي خطاب سان ملڪ کان ٻاهر رهي، ان عورت سان شادي ڪيائين.

اِن مان پتو پئجي سگهي ٿو تہ باوجود ترقي يافتہ ملڪ هئڻ جي، هِنن ۾ اڃا تائين قدامت پسنديءَ کي پنهنجي سماجي، معاشي ۽ سياسي ڪاروبار ۾ ڪيترو زوردار اثر آهي.

1935ع کان وٺي انگلنڊ جي حڪومت ڪنزرويٽو پارٽيءَ جي ليڊر مسٽر بالڊون جي هٿ هيٺ هلندڙ هئي، جا 1937ع ۾ مسٽر چيمبرلين جي هٿ هيٺ آئي. جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ 1940ع ۾ ملڪ جو وزير اعظم مسٽر ونسٽن چرچل ٿيو. سموري جنگي عرصي ۾ اُهو ئي سندن وزير اعظم رهيو. هو تقرير، تحرير ۽ تدبر ۾ بي مثل لياقتن جو مالڪ هو. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزي قوم جي هن جنهن نموني دانشمنديءَ سان اڳواڻي ڪئي، سا سندن تاريخ جي عظيم يادگار آهي. هيءُ وڏيءَ قوم جو وڏو اڳواڻ هو ان ڪري سندس زندگيءَ جو مختصر احوال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

# سر ونسٽن چرچل

هيءُ ڊيوڪ آف مارلبرو جي ستينءَ پشت ۾ لارڊ ونڊولف جو پٽ هو ۽ 30 نومبر 1874ع تي بلينهام محلات ۾ ڄائو هو. هن جي ماءُ آمريڪن هئي. هن هئرو جي پبلڪ اسڪول ۾ تعليم ورتي هئي.

پنهنجي اسڪول جي ڏينهن ۾ هو ڪو خاص هوشيار شاگرد ڪونه هو. ملٽري اڪيڊمي سئنڊهرسٽ جي داخلا جي امتحان ۾ ٽي دفعا ناپاس ٿيڻ بعد مس مس اُتي داخلا ملي هيس. اُتان پڙهي نڪرڻ تي، هن فوج ۾ نوڪري ڪئي.

پهريائين هو هندوستان ۾ ليفٽيننٽ مقرر ٿي آيو ۽ حيدرآباد دکن ۾ نوڪري ڪيائين. پوءِ ڪجھ عرصو هن سرحدي علائقن جي مالاڪنڊ ايجنسي ڇانوٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي. اُتان هو انگلنڊ جي ڪن اخبارن جو نامہ نگار ٿي بہ ڪم ڪندو هو. صوبي سرحد ۾ تيواھ جي سرحدي جنگ ۾ هن حصو ورتو هو.

هندوستان ۾ نوڪري ڪرڻ بعد، هيءُ آفريڪا ۾ لارڊ ڪچنز سان، نيل دريا جي سوڊان ۾، مهدي سوڊانيءَ جي حملن وقت شريڪ ڪار رهيو. ان کان پوءِ هيءُ موٽي وطن ويو جتي ڪجھ وقت رهي، 1899ع ڌاري، هيءُ آفريڪا ۾ بوئرس جنگ وقت ”مارننگ پوسٽ“ اخبار جو نامہ نگار ٿي ويو. اُتي لڙائيءَ هلندي، هي قيد ٿي پيو پر قيد مان همت ڪري، وڏين مشڪلاتن بعد، سلامت وطن پهتو.

1901ع ۾ هيءُ 27 سالن جي عمر ۾ برٽش پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو. هيءُ 1901ع کان 1906ع تائين پارليامينٽ ۾ ڪنزرويٽو پارٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. ان کان پوءِ ' فري ٽريڊ ' جي سوال تان هيءُ اها پارٽي ڇڏي، لبرل پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو.

1908ع ۾ هن کي ٽريڊ بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو ۽ 1910ع ۾ کيس هوم سيڪريٽري ڪري رکيو ويو. ان کان پوءِ 1911ع ۾ کيس فرسٽ لارڊ آف ائڊمرلٽي مقرر ڪيو ويو. جنهن عهدي تي 1915ع تائين کيس قائم رکيو ويو. 1940ع جي پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ وقت، هن لبرل پارٽيءَ جي جنگي وزارت ۾ ڪم ڪيو.

اُنهيءَ لڙائيءَ ۾ هن ساموندي ٻيڙي جي اڳواٽي ڪري، دره دانيال ۾ ترڪن تي حملو ڪري، اهو قلعو وٺڻ چاهيو جنهن ۾ مصطفيٰ ڪمال هن کي شڪست ڏني. ان تي هن کي وزارت تان استعيفا

ڊيٽي پيئي. وري مسٽر لائڊ جارج، انگلنڊ جي وزير اعظم، کيس 1917ع ۾ ٻيو ڀيرو جنگي رسد جو وزير ڪري رکيو. اُن کان پوءِ به هو ڪيترن عهدن تي فائز رهندو آيو. 1924ع ۾ هو ٻيهر ڪنزرويٽو پارٽيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ اُن جي حڪومت ۾ چانسلر آف ايڪسچيڪر مقرر ڪيو ويو.

هن هندوستان جي آزاديءَ جي سوال تان مسٽر بالڊون جي انڊيا بِل جي سخت مخالفت ڪئي.

هيءُ جرمنيءَ ۾ هٽلر جي وڌندڙ طاقت خلاف وقت به وقت پارليامينٽ ۾ انگريزن کي آگاهه ڪندو رهيو. پر ان وقت هن کي ڪنهن به نه ٻڌو. مسٽر چيمبرلين حتيٰ المڪان ڪوشش ڪئي ته جنگ ٽري وڃي ۽ هٽلر راضي ٿئي، پر ان ۾ هو ناڪامياب ٿيو. نيٺ سيپٽمبر 1939ع ۾ جڏهن انگريزن کي مجبور ٿي، جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪرڻو پيو. تڏهن چرچل کي ملڪ جي گڏيل جنگي وزارت ۾ کنيو ويو. 10 مئي 1940ع تي چيمبرلين جي استعيفيٰ ڏيڻ تي هو انگلنڊ جي وزير اعظم جي عهدي تي فائز ٿيو.

سڄي ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي عرصي ۾، حڪومت جي واڳ هن جي هٿ ۾ رهي. اِهو هن جي همت، سحر بيانيءَ ۽ لاڳيتيءَ اڻٿڪ محنت ۽ ڪوشش جو نتيجو هو جو سخت مشڪلاتن جي وقت به انگريزن هيٺي ڪانه ڀولي ۽ هو جوان مڙديءَ سان لڙندا رهيا. آخر جنگ، آمريڪا جي شموليت سبب، اتحادين جي فائدي ۾ فيصل ٿي.

ونسٽن چرچل، جنهن کي پوءِ سندس ٻي مثل جنگي خدمتن جي صلي ۾ لارڊ جو خطاب مليو، هڪ بهترين لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ هو. هن ڪيترائي ڪتاب به لکيا آهن. واندڪائيءَ جي وقت هو جاين جون سِرون وجهي، عمارت سازي به ڪندو هو. تصويرون به ڪڍندو هو. جنگ کان پوءِ جلد ئي انگريزن جون نيون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ليبر پارٽي ڪامياب ٿي ۽ هن جي جاءِ تي مسٽر ڪليمٽ ائٽلي وزير اعظم مقرر ٿيو.

اُن کان پوءِ، هڪ ڀيرو وري ڪنزرويٽو پارٽيءَ جي چونڊن ۾ ڪاميابيءَ بعد، هيءُ انگلنڊ جو وزير اعظم ٿيو. هن 1964ع ۾ نوي (90) ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي.

# فصل پنجون

## 5ـ سوويت يونين (روس):

يورپ جو چوٿون مکيه ملڪ سوويت يونين آهي.

21 جنوري 1924ع تي سوويت يونين جي بانيءَ ۽ ڪميونزم کي عملي صورت ڏيارڻ واري اعليٰ ليڊر لينن وفات ڪئي.

ڪميونزم، معاشري جي نئين طور تعمير ڪرڻ لاءِ، اقتصادي بنيادن تي ٻيٺل هڪ نظريو آهي، جنهن جي پوئلڳن کي اهو يقين ويٺل آهي ته هن وقت بني نوع انسان جي جملي معاشرن جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي نجات اُنهيءَ جي پوئلڳيءَ مان ٿيڻ واري آهي.

ڪميونزم جي پوئلڳن جي دعوا ۽ عالمگير مذهبن ـ هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، مسيحيت ۽ اسلام ـ جي پيروئن جي دعويٰ آخر ۾ ساڳي وڃي بيهي ٿي. منجهن تفاوت هيءُ آهي ته مذهب جا مهندار روحانيت کي ترجيح ڏيئي، فوق العقل طاقت کي ڏنل هدايتن کي رهبر راهه ٻڌائي، نجات انساني حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. ۽ ڪميونزم جي نظريي ۾ ويساهه رکندڙ هر ڳاله جو بنياد مادي حقيقتن تي رکي، عقل جي ذريعي، معاملي فهمي ڪرڻ گهرن ٿا. ٻنهي جو رجحان فردن کي جماعت جي تابع بڻائڻ طرف رهي ٿو. ٻنهي ۾، شخصي طور آزاد رهبرن جي راين کي سَند ڪري ورتو وڃي ٿو. مسلمان عالم، قال الله ۽ قال رسول جي سَند ڏيئي شخصي اجتهاد تي رڪاوٽ وجهن ٿا، ته ڪميونسٽ ڪارل مارڪس ۽ لينن جي راءِ کي سَند ڪري ڪتب آڻين ٿا.

لينن کان پوءِ سوويت يونين ۾ ٻه گروهه ٿيا: هڪ ٽراٽسڪيءَ جو ۽ ٻيو گروهه اسٽالن جو.

پهريون گروهه ڪميونزم کي هڪ ئي وقت سڄيءَ دنيا ۾ رائج ڪرڻ جو حامي هو.

ٻئي گروهه پهريائين اُن جو رشيا ۾ تجربو ڪرڻ ممڪن ۽ فائديمند ٿي سمجهيو. ٽن سالن جي لفظي ڏي وٺ ۽ فڪري تصادم کان پوءِ، ڊسمبر 1927ع ۾، اسٽالن سڄي حڪومتي نظام تي مڪمل قبضو ڪري ورتو ۽ ٽراٽسڪي ملڪ ڇڏي، آمريڪا ۾ وڃي رهيو.

1934ع ۾، اسٽالن سوويت يونين کي ليگ آف نيشنس جو ميمبر ڪيو. 1935ع ۾ هن فرانس سان عهدنامو ڪيو. هن تعمير ۽ ترقيءَ جي پنجساله پروگرامن ذريعي سوويت يونين کي اقتصادي طور ۽ صنعتي ميدان ۾ هڪ طاقتور ۽ شاندار ملڪ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اُن ۾ هن کي ڪافي

سختيءَ ۽ تشدد جي ڪاروائين ڪان ڪم ونڻو پيو. بهر صورت هن ملڪ کي طاقتور بڻائڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي. هن جي دور ۾ خود سرمائيدار ملڪن بہ سوويت يونين سان سفارتي تعلقات قائم ڪري، اُن کي مدد ڏيڻ شروع ڪئي.

ٻيءَ مهاياري لڙائيءَ وقت جرمن جهڙي زبردست ملٽري طاقت جو مقابلو ڪرڻ معمولي ڳالهہ نہ هئي. اُن مقابلي ۾ ڪاميابيءَ جو سهرو اسٽالن جي سِر تي سونهي ٿو. ان ڪري ان جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

# جوزف اسٽالن

هن جو اصل نالو جوزف وساريو نووچ زوگاشولي هو. هو جارجيا علائقي جي گورا نالي ڳوٺ ۾ 1879ع ۾ ڄائو هو. "اسٽالن" جو لقب سندس ارادي جي قوت، برداشت جي مادي ۽ اورچائيءَ کي ڏسي، 1910ع ڌاري، قومي ڪارڪنن طرفان ڏنو ويو هو جنهن جي معنيٰ "رُڪ" آهي.

سندس والد موچڪو ڌنڌو ۽ زراعت ڪندو هو. هن ابتدا ۾ چئن سالن تائين تِفلس جي شهر ۾ مسيحي مذهب جي پادري ٿيڻ لاءِ تعليم ورتي. اُتي ئي، مذهبي طور طريقن ۾ آمرانہ دٻاءَ خلاف ڪيس نفرت پيدا ٿي. ڪليسائي مڪتبن مان ٻاهر نڪرڻ ڪان پوءِ هي ڪارل مارڪس جي پوئلڳن جي صحبت ۾ آيو ۽ ٽُرت ئي اُنهن جي انقلابي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو.

1898ع ڪان وٺي 1917ع تائين هن سمورو وقت اُنهيءَ تحريڪ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ انهيءَ جي سزا ۾ هُن ڪيئي ڪشت ڪاٽيا. رشيا جي زار حڪومت ڪيس پنج ڀيرا ملڪ نيڪالي ڏني ۽ ڪيترا ڀيرا جيل موڪليو. 1917ع ۾ جڏهن لينن جي هٿ هيٺ نئين انقلابي حڪومت برپا ٿي، ان وقت هيءُ سائبيريا جي جيل ۾ هو جتان انقلابي حڪومت جي حڪم تي ڪيس آزاد ڪيو ويو.

اُن ڪان اڳ باڪوءَ ۾ هي جارجين زبان ۾ "ورسيا" نالي اخبار بولشويڪ تحريڪ جي فائدي ۾ ڪيڍندو هو. 1912ع ۾ "سوشلزم ۽ نيشنلزم" تي هڪ ڪتاب لکي، ٻنهي نظرين جي اختلافن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انقلابي حڪومت نهڻ ڪان پوءِ، هيءُ 10 آڪٽوبر 1917ع تي حڪومت جي پولٽ بيورو جو ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو جنهن ۾ لينن ڪان سواءِ ٽراٽسڪي، زنوووف، سوڪولنڪوف، ڪامينوف ۽ بونبوف ميمبر هئا. وزارت جا بہ فوليا سندس چارج ۾ هئا.

1921ع ۾ لينن هن کي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو. ”يونين آف سوشلسٽ سوويٽس ريپبلڪس“ جو قيام لينن ۽ اسٽالن جي گڏيل فڪر ۽ عمل جو نتيجو هو.

لينن جي وفات کان پوءِ اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي وچ ۾ مٿي ذڪر ڪيل اختلاف جي بنياد تي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ تصادم شروع ٿيو جنهن ۾ 1936ع تائين اسٽالن ساري ملڪ تي مڪمل اقتدار حاصل ڪري ڪامياب ٿيو ۽ اُن کان پوءِ ترقيءَ جي پنجسالہ رٿائن جي مدد سان هن رشيا ۾ ڪميونزم کي پوريءَ قوت ۽ استقامت سان قائم ڪيو ۽ مضبوط ۽ مستحڪم بڻايو.

هو پنهنجي ڪمن ۾ ٿوري انداز جي مخالفت بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو هو. پنهنجي طويل دور اقتدار ۾ (1924ع۔ 1951ع)، هن ڪيترائي پنهنجا مخالف، جيڪي سالن جا سال سندس پنهنجا ساٿي ۽ همراهہ ٿي رهيا هئا ۽ سڄي عمر ڪميونزم جا وفادار داعي ۽ عامل رهي چڪا هئا، تن کي مارائي، پنهنجي رستي تان هٽائي ڇڏيو.

آگسٽ 1936ع ۾ زنوووف، ڪامينو ۽ ٻين کي ڦاسي ڏياري، سڄي ملڪ تي هو مطلق العنان ڊڪٽيٽر ٿي حڪومت هلائڻ لڳو.

ڊسمبر 1936ع ۾ رشيا لاءِ نئون آئين جاري ڪيائين، جنهن ڪري سوويت يونين ۾ قوميتن جو مسئلو انصاف ۽ خوش اسلوبيءَ سان حل ٿيو ۽ هيٺيون مکيہ رياستون ۽ ٻيون ڪل رياستون، برابريءَ جي بنياد تي گڏجي، ڪم ڪرڻ لڳيون: 1. رشيا 2. يوڪرين 3. وائيٽ رشيا 4. آزربائيجان 5. آرمينيا 6. ترڪمانيا 7. ازبڪستان 8. تاجڪستان 9. قزاقستان 10. ڪرگيزستان، وغيره.

سيپٽمبر 1938ع ۾ هن اعلان ڪيو تہ هو جرمنيءَ جي دٻاءَ ۽ تشدد آڏو زيڪوسلويڪيا جي مدد ڪندو، بشرطيڪ انگلنڊ ۽ فرانس بہ ان جي مدد ڪندا. پر جڏهن ڏٺائين تہ اُنهن پنهنجي حڪومتن زيڪوسلويڪيا جي ورهاست قبولي، اُن ملڪ کي قربان ٿيڻ ڏنو. تہ وقت جي مصلحت ڏسي، اڪيلو طاقتور دشمن هٽلر جو مقابلو نہ ڪيائين، ۽ ماٺ ۾ رهيو.

ان کان پوءِ جڏهن جرمنيءَ پولينڊ تي حملو ڪرڻ گهريو ۽ هن سمجهيو تہ اُن موقعي تي بہ انگلنڊ ۽ فرانس ۽ ٻيا مغربي جمهوري ملڪ اُن جو ڪو مقابلو ڪونہ ڪندا، تڏهن پاڻ هٽلر سان سمجهوتو ڪري ورتائين، ۽ ائين ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هٽلر جي وڏندڙ فوجن کي منهن ڏيڻ لاءِ، وقت ۽ مفاصلي جي سهوليت پنهنجي ملڪ ۽ فوج جي بچاءَ ۽ فائدي لاءِ حاصل ڪري ورتائين.

# فصل ڇھون

## 6. فرانس:

يورپ جو پنجون مکيہ ملڪ فرانس آهي. پھرينءَ مھاڀاري لڙائيءَ ۾ فرانس جا تيرھن لک پنجاسي هزار (1385000) سپاهي مُئا ۽ 30 لک ماڻهو ڦٽيا هئا. چار لک ڇائيتاليه هزار (446000) ماڻهو قيدي بڻيا هئا يا گم ٿيا هئا.

پر لڙائي اتحادين جي فائدي ۾ فيصل ٿيڻ بعد، اُنهن گڏجي شڪست کاڌل ملڪن بابت جيڪي فيصلا ڪيا ۽ عھدناما ناهيا هئا، انهن مان گھٽي ۾ گھٽو نفعو فرانس کي پھتو. اُن کي جنگي تاوان مليو. جرمنيءَ جي ملڪ جو ڪجھ حصو کيس ڏياريو ويو. ليگ آف نيشنس ۾ اُن جي خاص حيثيت رهي. اُن ڪري جلد ئي ٿيل نقصان جي پورائي ڪري، هيءُ ملڪ وري طاقت وٺي ويو.

هٽلر جي هٿ هيٺ طاقتور ٿيڻ بعد، جرمنن فرانس کان اُن جي قبضي وارو اُهو پنھنجي ملڪ جو حصو ته ڇڏايو پر اُن سان اهڙو رويو اختيار ڪيائون، جنھن سان فرانس جي حڪومت وري اُنهن کان خطرو محسوس ڪرڻ لڳي. ان ڪري جنوري 1935ع ڌاري فرانس جي حڪومت اٽليءَ جي حڪومت سان آفريڪا بابت سمجھوتو ڪيو ۽ مئي 1935ع ۾ سوويت يونين سان عھدنامو ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح هو پاڻ کي جرمنيءَ جي خلاف مضبوط ڪرڻ لڳا.

فرانس کي سڀ کان پھرين جديد صنعتي دور جي انقلابي حڪومت قائم ڪندڙ ۽ جمھوري اصولن جو علمبردار تسليم ڪيو ٿي ويو. بھرحال اُن جي، ٻيءَ مھاڀاري لڙائيءَ کان ٿورو اڳ، حالت هيءَ هئي ته پارٽين جي ڪثرت ۽ انهن جي ڀيڄڻ نھڻ ڪري، اُتي ڪا بہ مضبوط وزارت نھي نٿي سگھي، ۽ اُن جون وقت بہ وقت وزارتون بدلبيون ٿي رهيون. اهڙين حالتن هيٺ، اُن وقت جي حڪومت جي ڪمزور پاليسيءَ کان متاثر ٿي، ملڪ جي عام راءِ، جنوري 1936ع ۾، مسٽر لاول جي وزارت ڪيرائي، ليان بلوم جي وزارت طاقت ۾ آندي، جنھن ۾ ترقي پسند گروھ جي ڪثرت هئي. پر پوءِ بہ فرانس جي حڪومت ۾ پائداري ڪانہ آئي، ۽ اپريل 1938ع ۾ ڊاڊليئر وزارت جي نئين حڪومت نھي، جا بہ ڪا ٿورو وقت ئي قائم رهي سگھي. آخر ۾ جڏهن پولينڊ جي سوال تان انگلنڊ ۽ فرانس سيپٽمبر 1939ع ۾ جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو ته پيهر ڊاڊليئر کي وزير اعظم ڪري رکيو ويو. ٻيءَ مھاڀاري لڙائيءَ جو گھڻو وقت هيءُ ئي وزير اعظم ٿي رهيو ۽ فرانس جي تاريخ جي اُن اهم دور ۾ هُن مکيہ پارٽ ادا ڪيو. ان ڪري اُن

دور جي يورپ جي مکيہ ماڻھن مان ڊاڊليئر جي حياتيءَ جو مختصر احوال پيش ڪرڻ بہ ضروري ٿو نظر اچيم.

## ڊاڊليئر

ايڊئور ڊاڊليئر فرانس جي شهر ڪارپنٽراس ۾، 8 جون 1884ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ ڳوٺ جو نانوائي هو. هيءُ اسڪالرشپ وٺي پڙهيو. گريجوئيٽ ٿيو ۽ ماستري ڪرڻ لڳو.

1914ع جي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، فرانس ۾ زوريءَ ڀرتيءَ جي دستور مطابق، هن کي فوج ۾ داخل ٿيڻو پيو. جنگ پوري ٿيڻ تي، موٽي ڳوٺ اچڻ کان پوءِ، هن سياست ۾ دلچسپي ورتي ۽ ريڊيڪل سوشلسٽ پارٽيءَ جو ڪارڪن ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ڪجھ وقت کان پوءِ هيءُ ڪارپنٽراس شهر جو ميئر چونڊيو ويو.

1919ع ۾ 35 سالن جي عمر ۾ هيءُ پهريون ڀيرو چيمبر آف ڊيپوٽيز جو ميمبر چونڊيو. اُن کان پوءِ 1924ع کان وٺي، هو ڪيترين وزارتن ۾ شامل ٿيو ۽ لاڳيتو مختلف عهدن تي ڪم ڪندو آيو.

آخر ۾، 1939ع جي سيپٽمبر ۾، هيءُ فرانس جو وزير اعظم ٿيو ۽ جنگ جو سمورو وقت اُن عهدي تي پاپيولر فرنٽ طرفان فائز رهندو آيو. ملٽري ڳالهين ۾ خاص دلچسپي هيس، ۽ ان علم تي هن ڪيترائي اهم ۽ مستند ڪتاب لکيا.

# فصل ستون

## 7. اسپين

1936ع ۾ اسپين جي حڪومت ۾ اقتدار هٿ ڪرڻ تان ٻن نظرياتي گروهن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا: انهن مان هڪ جمهوري سوشلسٽ راين جي پارٽي هئي ۽ ٻي فسطائي خيالن جي پارٽي هئي. ٿيندي ٿيندي، انهن جي پاڻ ۾ سِول وار (خانہ جنگي) شروع ٿي. عام ماڻهو ۽ اُنهن جا طرفدار هڪ طرف هئا؛ مذهبي مهندار، زميندار ۽ ڪامورا ٻئي طرف هئا. حالتون ايتري قدر خراب ٿي ويون، جو انهن پارٽين کي ٻاهرين طاقتن بہ مدد ڏيڻ شروع ڪئي. جمهوري پارٽيءَ کي سوويت يونين ۽ انگلنڊ طرفان ٿوري مدد ملي، پر فسطائين کي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ طرفان نہ رڳو رضاڪار بلڪ هٿيار ۽ هوائي جهاز بہ مدد ۾ موڪليا ويا. نتيجو اهو نڪتو تہ آخر گهڻي خون خرابي کان پوءِ حڪومت جي واڳ ملٽريءَ جي جنرل فرئنڪو جي هٿ ۾ آئي، ۽ سارو ملڪ فسطائي حڪومت جي قبضي ۾ اچي ويو.

اسپين يورپ جي سيني ملڪن کان پٺتي پيل هو. ان ۾ زمين تي قبضو وڏن زميندارن ۽ مذهبي مهندارن جو هو. تعليم تمام گهٽ هئي. ان ۾ 45 سيڪڙو ماڻهو اڻ پڙهيل هئا، جو سيڪڙو يورپي ملڪن جي مقابلي ۾ نهايت گهڻو هو. منجهس بي زمين هاري گهڻا هئا. سندن حڪمران طبقو ظالم، غير جوابدار، مغرور، جاهل، هوا جي رخ تي ڦرندڙ گهرندڙ بي اصولو ۽ اڻ لائق هو. سندن حال هوبهو سنڌي وڏيرن جهڙو هو.

اُن وقت اسپين جو بادشاه "الفانسو تيرهون" هو. جنهن جي اختيار ۽ اقتدار جو سڄو مدار زميندارن، پادرين ۽ لشڪر تي هوندو هو. ملڪ جي زمين 50 سيڪڙي کان بہ مٿي صرف هڪ سيڪڙو ماڻهن جي هٿ ۾ هئي، جيتوڻيڪ ملڪ جو 72 سيڪڙو ماڻهو زراعت تي گذر ڪندڙ هئا. 40 سيڪڙو ماڻهو اهڙا هئا، جن کي ايڪڙ زمين بہ ڪونہ هو. باقي ماڻهن کي بہ تمام ٿوري زمين هئي. رڳو هڪ ' ڊيوڪ آف البا ' جي هٿ ۾ سموري بيلجم جي ملڪ جي ايراضيءَ جيتري زمين هئي. زميندار اڪثر ڪري زمين جي پيدائش مان عيش عشرت ۽ سير شڪار تي خرچ ڪندا هئا. اُنهن مان گهڻا زمين تي رهڻ جي عيوض سڄو وقت وڏن شهرن ۾ گذاريندا هئا.

اسپين جو لشڪر تي تمام گهڻو خرچ هو. سندن لشڪر ۾ 700 جنرل ۽ 21 هزار آفيسر هئا. هر ڇهن سولجرن پٺيان هڪ آفيسر هونِ!

ملڪ ۾ 40 هزار پادري هئا. جن سيني کي پگهار حڪومت کان ملندا هئا. جي سياست ۾ زميندارن ۽ ڪامورن سان گڏجي حصو وٺندا هئا. مذهبي ادارن جي هٿ ۾ زمين کان علاوه ڪاٽيون، هنري ڪارخانا، سامونڊي جهاز، ٽرامون، اليڪٽرسٽي، بسون وغيره هونديون هيون.

اهي پادري، مذهبي ڳالهين کان سواءِ، ملڪ جي زميندار‍ي ۾ بين پيشن ۾ دلچسپي وٺندا هئا. ملڪ جو سمورو تعليمي سرشتو سندن قبضي ۾ هو. مذهب کي انهن ملڪي سياست جو رانديڪو بڻائي ڇڏيو هو.

اسپين ۾ 1931ع جي چونڊن بعد بادشاهي ختم ٿي، ۽ ريپبليڪن پارٽيءَ جي هٿ ۾ حڪومت آئي. اُها پارٽي وچين طبقي جي ماڻهن تي، جن ۾ ننڍيا ڪامورا، پروفيسر، اديب وغيره هئا، مشتمل هئي. انهيءَ پارٽيءَ جي ليڊرشپ مئنوئل ازانا نالي جمهوريت پسند اڳواڻ جي هٿ ۾ هئي، جو ريپبليڪن پارٽيءَ جي حڪومت جو وزير اعظم ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. اُنهيءَ پارٽيءَ ملڪ جو آئين ٺاهيو جنهن ۾ هنن مذهبي ماڻهن جي حڪومت مان دست اندازي ڪيدي ڇڏي، سياست ۽ مذهب کي جدا ڪيو. حڪومت کي رعيتي راڄ بڻايو تعليم زوريءَ ۽ مفت ڪئي، زالن کي ووٽ جو حق ڏنو خاندانن جا لقب رد ڪيا، ڪارخانن جي مزدورن کي وڏيڪ حق ڏياريا.

پر هيءُ آئين پوريءَ طرح عمل ۾ اچي ڪين سگهيو. هن پارٽيءَ جي ڪارڪنن نظرياتي ڳالهين تي وڌيڪ ۽ عملي ڳالهين ڏي گهٽ ڌيان ڏنو. ڪين خبر هئي تہ سندن دشمن زميندار، پادري ۽ ملٽريءَ وارا نهايت خطرناڪ هئا، پر سواءِ قانون ٺاهڻ جي انهن جي طاقت گهٽائڻ لاءِ عملي طرح ڪوبہ قدم نہ کنيائون.

انهيءَ آئين پاس ٿيڻ تي جنرل سنجورجا نالي هڪڙي فسطائي خيالن جي فوجي جنرل حڪومت خلاف بغاوت ڪئي، پر هو ايري ڪونہ سگهيو ۽ ناڪام ٿيو. ريپبليڪن پارٽيءَ پوءِ ديولين جي ملڪيت کي قومي ملڪيت بڻائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. پر ملڪيت جو قبضو اُهوئي ديولين جي حوالي رهيو ۽ عملي طرح اُهو اُنهن کان ڇڏائي نہ سگهيا. ملٽريءَ جي طاقت گهٽائڻ لاءِ هنن ڏهاڪو هزار آفيسرن کي پوري پگهار جي پينشن ڏيئي فوج مان بيدخل ڪري ڇڏيو. پر ريپبليڪن پارٽيءَ جي اُها وزارت گهڻو وقت قائم رهي نہ سگهي. اڍائن سالن کان پوءِ هِنن جي وزارت ڪري پيئي، ۽ اُن جي جاءِ تي ساڄيءَ ڌر جي قبضي واري گڏيل وزارت ( ”پاپيولر فرنٽ“ جي نالي ۾) طاقت ۾ آئي. هِن وزارت، اڳيئين وزارت جي ڪم کي رد ڪرڻ شروع ڪيو.

اُن تي آڪٽوبر 1934ع ۾، سوشلسٽ گروهه ان جي مخالفت ڪئي، جنهن کي طاقت ۾ آيل حڪومت زبردستيءَ سان دٻائي ڇڏيو. اُن جي نتيجي ۾ 1935ع ڌاري 30 هزار کن ريپبليڪن ۽ سوشلسٽ جيلن ۾ وڌا ويا. ساڄي ڌر 1936ع جي اول تائين طاقت ۾ رهي.

فيبروري 1936ع جي نين چونڊن ۾ وري ريپبليڪن پارٽي ٿوريءَ اڪثريت سان ڪامياب ٿي، جنهن جو وزير اعظم ساڳيو مئنوئل اِزانا ٿيو. ان وري بہ 1931ع واري تجويز ڪيل پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ گهريو ٿي، جنهن تي ساڄيءَ ڌُر جي زميندارن، شاهوڪارن، ڪامورن ۽ فوج حڪومت خلاف ڪليل بغاوت ڪئي.

اُنهن جنرل فرئنڪو کي، جو اسپين جي ڀرسان ڪنيري ٻيٽن جو گورنر هو جرمن هوائي جهاز ۾ گهرائي، مورن (موراڪو جي رهاڪو مسلمانن) جي لشڪر جي مدد سان، اسپين ۾ آندو. ان بعد ملڪ ۾ خانہ جنگي شروع ٿي ويئي. ان جنگ کي ڪميونسٽ ۽ فاشزم جي جنگ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. آخر ۾ اڌ اسپين تباهہ ڪري، جنرل فرئنڪو حڪومت تي قابض ٿيو.

هيٺ اُن جنرل فرئنڪو جي شخصي زندگيءَ جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

# جنرل فرئنڪو

هيءُ اسپين جي صوبي گليشيا ۾ ڄائو هو. هي پشت بہ پشت برّي ۽ بحري لشڪر ۾ نوڪري ڪندڙ آفيسرن جي ڪٽنب مان هو. هيءُ ابتدائي تعليم وٺڻ کان پوءِ لشڪر ۾ ڀرتي ٿيو ۽ فوجي نوڪريءَ ۾ پنهنجي ڪارڪرديءَ جو نهايت سٺو رڪارڊ قائم ڪيائين. 34 سالن جي عمر ۾ جنرل جي عهدي تي پهتو. ڪجھ وقت اسپين جي ڀرسان ملڪ موراڪو ۾ بہ مختلف عهدن تي رهيو.

جڏهن پهريون ڀيرو ساڄيءَ ڌُر جي گڏيل (پاپيولر فرنٽ) حڪومت قائم ٿي، تڏهن هنن هِن کي چيف آف اسٽاف مقرر ڪيو. اُن تي طاقت مان نڪتل ريپبليڪن پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي ڪي شڪ شبھا پيدا ٿي پيا، جنهن تي اُنهن کي تڏي ڪرڻ لاءِ حڪومت هن، کي ڪينري ٻيٽن ڏي گورنر ڪري موڪلي ڇڏيو.

اُن کان پوءِ سڏي طرح فسطائي ڌُر جي قبضي کان پوءِ هيءُ جرمن هوائي جهاز ۾ چڙهي، ڪينري ٻيٽن کان اسپين موٽي آيو ۽ جيئن مٿي ذڪر ٿيو مورن (موراڪو جي غلام مسلمان لشڪر) جي طاقت سان، حڪومت جون واڳون هٿ ڪيائين.

هو هڪ ظالم ۽ ڪٽر ڊڪٽيٽر هو. هن جي دورِ اقتدار ۾ لکين مزور، هاري ۽ دانشور، جن انساني آزاديءَ جو ٿورو به نالو ٿي ورتو، گولين جو بَک ٿي ويا، ڦاسين تي چڙهيا ۽ جيلن جي ڪال ڪوٺڙين ۾ ڳري ڳري ختم ٿي ويا.

يورپ ۾ سوشلزم جا دشمن جيڪي فسطائي ڊڪٽيٽر، پنهنجي پنهنجي ملڪ تي قابض رهيا، يعني جرمنيءَ ۾ هٽلر ۽ اٽليءَ ۾ مسوليني، اُنهن جو ٽيون هم شريڪ ۽ ساٿي، اهڙو ئي سنگدل ۽ انسان دشمن، هي اسپين جو ڊڪٽيٽر جنرل فرئنڪو به هو.

جيتوڻيڪ هيءُ هٽلر ۽ مسولينيءَ جي مدد سان ئي اسپين جي گهرو لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو هو ۽ سياسي فڪر ۽ مقصدن ۾ اُنهن جو ئي ساٿي هو، پر بي مهاياري لڙائيءَ ۾ هو اُنهن سان شامل نہ ٿيو ۽ ائين هن پنهنجي ملڪ کي جنگ جي تباهہ ڪارين کان ۽ پاڻ کي اُنهن وانگر قبل از وقت موت کان بچائي ورتو.

# فصل اٺون

## 8. چين

چين ايشيا جو وڏي ۾ وڏو ملڪ آهي. چين ايشيا ۾ پنجٽيه لکن ميلن جي ايراضيءَ ۾ هن وقت اسي ڪروڙ جي آدمشماريءَ ۾ 36 پرڳڻن جو ملڪ آهي.

هيءُ ملڪ ٽن هزار سالن کان به اڳ تهذيب ۽ تمدن جو مالڪ رهيو آهي. گهڻي وقت کان مٿس مختلف گهراڻن جي شهنشاهن جي حڪومت رهي آهي. اُن شهنشاهي قسم جي حڪومت کي 1911ع ڌاري ڊاڪٽر سَن يات سين نالي هڪ قومي ليڊر ختم ڪري، اُتي رعيتي راڄ قائم ڪيو.

سَن يات سين موجوده نئين چين جو اَبو سڏجي ٿو. سندس تعليم جا مکيه متا ٽي هئا: (1) نيشنلزم (قومپرستي)، (2) سوشلزم ۽ (3) جمهوريت.

هن هڪ مضبوط جماعت ٺاهي، جنهنجو نالو ڪومنتانگ پارٽي هو. هن 12 مارچ 1925ع تي وفات ڪئي. اڪثر پارٽين وانگر، هِن پارٽيءَ ۾ ٻن رجحانن جا ڪارڪن هئا: هڪڙا ساڄيءَ ڌُر جا ۽ ٻيا کاٻيءَ ڌُر جا. ساڄيءَ ڌر وارن جو مکيه ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ ٿيو ۽ ٿيندي ٿيندي، کاٻيءَ ڌر جي ليڊريءَ جي واڳ مائوزي تنگ جي هٿ ۾ آئي.

ملڪ وڏو ماڻهو گهڻا، شهنشاهي طاقت ختم ٿيڻ بعد ڪجه وقت لاءِ ملڪ اندروني خلفشار ۾ مصروف رهيو. ملڪ جي گهڻن حصن ۾ مڪاني، جنگي اڳواڻن جوقبضو رهيو جي ان کي پنهنجي مقصدن خاطر استعمال ڪرڻ لڳا.

سن يات سين کان پوءِ، پارٽيءَ جي ليڊري چيانگ ڪائي شيڪ جي هٿ ۾ آئي، ۽ سمورو ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جو عرصو چين جي مکيه سربراهه طور هيءُ يورپ جي فسطائين جو مقابلو ڪندو رهيو. اِن ڪري سندس زندگيءَ جو مختصر احوال اهم ڄاڻي، هيٺ ڏجي ٿو.

# چيانگ ڪائي شيڪ

هيءُ چين جي چيانگ صوبي جي ڳوٺ چيڪو ۾ 1887ع ۾ ڄائو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته لاشڪ هن جي وڏن جي لِڇ عرب ۽ پورچوگيزن سان لڳي ٿي.

هيءُ ابتدائي تعليم مڪاني طرح حاصل ڪرڻ بعد 19 سالن جي عمر ۾ جپان ۾ تعليم وٺڻ لاءِ ويو. اُتان موٽڻ بعد ڪجھ سال ملٽريءَ ۾ نوڪري ڪيائين. اُتي هن جي واقفيت ڊاڪٽر سَن يات سين سان ٿي، جنهنجي صحبت ڪري، هيءُ چيني قومپرستيءَ جي رنگ ۾ رچجي ويو. اُن ڪان پوءِ هيءُ ”تنگ مينگوئي“ خفيه پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو جنهن نيٺ وڃي ”ڪومنتانگ پارٽيءَ“ جي شڪل اختيار ڪئي.

جڏهن 1911ع ۾ سَن يات سين جي ڪوشش سان منچو گهراڻي جي شهنشاهي ختم ٿي ۽ چين ۾ رعيتي راڄ قائم ٿيو تہ هن جپان ڪان واپس چين ۾ اچي نوڪري ڪئي. هيءُ 1911ع ڪان 1916ع تائين مڪاني بغاوتن ۽ خانہ جنگين کي ختم ڪرڻ لاءِ لڙندو رهيو.

1917ع ۾ هيءُ، نوڪري ڇڏي واپار ڪرڻ لڳو. وري 1921ع ڌاري موٽي وڃي لشڪر ۾ نوڪري ڪرڻ ۽ ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. 1923ع ۾ سَن يات سين هن کي ماسڪو ڏي ملٽري ٽريننگ لاءِ موڪليو. اُتي ٽراٽسڪيءَ هن کي چيو تہ **”انقلابيءَ لاءِ صبر ۽ سخت محنت لازمي ڳالهيون آهن.“** آئينده سڄي زندگي هيءُ اُن مقولي تي عمل ڪندو رهيو. ملڪ ۾ واپس اچڻ بعد هن کي نئين ملٽري اڪيڊميءَ جو پرنسيپال ڪري رکيو ويو.

هن کي سَن يات سين جي وفاتيءَ بعد 1925ع ۾ ڪومنتانگ پارٽيءَ جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو ۽ سگهوئي لشڪر جو ڪمانڊر انچيف ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

سَن يات سين ملڪ جي مضبوطيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجي پروگرام کي ٽن درجن ۾ ورهايو هو. اُن مان پهريون درجو اهو هو تہ ساري ملڪ تي لشڪر جي ذريعي پورو قبضو ڪيو وڃي. اُن جو ٻيو درجو ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، جمهوري ڳالهين جي تربيت ڏيڻ جو هو ۽ ٽيون درجو ملڪ ۾ آئيني ۽ اقتصادي ترقي آڻڻ جو هو.

پهرئين ڪم واسطي هن روسي آفيسر گهرائي، اُنهن جي مدد ۽ تربيت سان ملٽري طاقت (قوت) کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. بدقسمتيءَ سان سندس حياتي پوري ٿيڻ ڪري، اُهو ۽ ٻيا ڪم اڌ ۾ رهجي ويا.

سندس وفات ڪان پوءِ، هن جي پارٽي ٻن رجحانن جي ڪارڪنن ۾ ورهائجي ويئي- هڪڙن قومپرستيءَ کي ترجيح ڏيئي. ملڪ کي صحتمند ۽ مضبوط ڪرڻ طرف رُخ رکيو، ۽ ٻين عوام جي اقتصادي ترقيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني ٿي. چيانگ ڪائي شيڪ ساڄيءَ ڌُر جي اڳواڻي هٿ ۾ ڪئي،

قومپرستيءَ طرف لاڙو ڏيکاريو. ڪاپيءَ ڏر جي اڳواٽيءَ جي واڳ مائوزي تنگ جي هٿ ۾ آئي. ڪاپيءَ ڏر وارن جو مرڪز هئنڪو ۾ هو.

جپانين 1931ع کان چين تي حملا ڪري، پهرين اُن ملڪ جو حصو منچوريا والاريو ۽ 1932ع ۾ اُن جي مکيه شهر شانگهائيءَ ۾ لشڪر آڻي، اتي اثر ڄمايو. منچوريا ۾ هنن ”آزاد حڪومت“ جي نالي سان پنهنجي اثر هيٺ مڪاني حڪومت برپا ڪئي. 1936ع ۾ هنن ڪوئنگ تونگ صوبي تي قبضو ڪيو. هن مرحلي تي چيانگ ڪائي شيڪ جپانين سان وڙهڻ جي عيوض، ڪاپيءَ ڏر جي قومي ڪارڪنن تي سختي ۽ ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. ۽ پنهنجو گهڻو وقت اُن ڪم ۾ صرف ڪندو رهيو.

سندس اُن پاليسيءَ ڪان مجبور ٿي، ڪميونسٽن ڊگهو سفر ڪري، ملڪ جي ڏورانهين اُترئين حصي ۾ وڃي پناهه ورتي.

چيانگ ڪائي شيڪ جِي، اُن پاليسيءَ ۾، آمريڪا ۽ مغربي سامراجي طاقتن به مدد پئي ڪئي. هوڏانهن جپان به هن جو نالو نٿي ورتو. هن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ پيڪنگ کان ڦيرائي نانڪنگ ۾ ڪيو. اُن ۾ به سندس مقصد رڳو هيءُ هو ته اُتر ۾ پناهه وٺي وڃي ويٺل ڪاپي ڏر وارن پنهنجن هم وطني مخالفن کي آسانيءَ سان اُتان ويجهو ڊپائي ۽ ختم ڪري سگهجي.

هن جي سرڪار ”نيشنلسٽ حڪومت“ جي نالي سان سڃاڻڻ ۾ آئي. هن سَن يات سين جي پروگرام جي پهرئين درجي جي تڪميل لاءِ پهريائين جنگ ذريعي چين کي متحد ڪرڻ گهريو ٿي. اُن لاءِ هن کي پيسي جي درڪار هئي، جو هُن، ملڪ جي شاهوڪار طبقي ۽ سامراجي طاقتن کان ڪميونسٽن جي خلاف ڪم ڪرڻ جي انجام تي، ورتو ٿي.

1927ع کان 1937ع جا ڏهه سال هيءُ انهيءَ پاليسيءَ مطابق ڪم ڪندو رهيو. هن مئڊم مي لنگ سونگ سان شادي ڪئي، جا سن يات سين جي ڀيڻ هئي. اُن سان شادي ڪرڻ خاطر هيءُ ڪرستان ٿيو.

ڊسمبر 1936ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ کي هڪ نوجوان جنرل چونگ هوسي اِيانگ، يرغمال ڪري، زوريءَ پاڻ سان وٺي ويو. جو ڪاپي ڏر جو ڪارڪن هو. اُن کيس نقصان پهچائڻ جي عيوض ڪائنس ڪميونسٽن جي بدران جپان خلاف جنگ ڪرڻ جو واعدو وٺي، هن کي ڇڏي ڏنو.

اُن کان پوءِ هن پنهنجي پاليسي بدلائي، جپان خلاف لڙائي ڪرڻ شروع ڪئي. اُن منزل تي،اِن ۾ ٻاهرين سامراجي طاقتن ۽ مڪاني شاهوڪار طبقي جو به هُن سان ساٿ هو. ڇاڪاڻ ته جپان نهايت

اڳرائيءَ واري پاليسي اختيار ڪري، سندن مفاد کي بہ نقصان پهچائي رهيو هو. 1937ع جي آخر ۾ جپانين نانڪنگ تي قبضو ڪيو. سگهو ئي هنچاءو ورتائون. جنوري 1938ع ۾ هنن تيانگ تائو تي قبضو ڪيو. 21 آڪٽوبر 1938ع تي ڪئنٽن ورتائون. 25 آڪٽوبر 1938ع تي هئنڪو تي قبضو ڪيائون.

ان کان پوءِ هُن چين جي گادي بدلائي، ملڪ جي ڏورانهين شهر چنگ ڪنگ ۾ آندي، جتي هو سموروبيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جو وقت رهندو آيو. جنگ ختم ٿيڻ تي، جڏهن جپانين کي شڪست آئي، ۽ ساري ملڪ تي هن کي قبضو مليو. تہ هن وري ڪميونسٽن خلاف سختي ڪرڻ شروع ڪئي. پر اُن وقت تائين ڪميونسٽ ملڪ ۾ گهڻو اثر پيدا ڪري ويا هئا، ۽ سندن جنگي طاقت بہ وڌي ويئي هئي. ان ڪري اُنهيءَ تصادم ۾ باوجود آمريڪا جي اڪيچار پيسي ۽ هٿيارن جي مدد جي، چيانگ ڪائي شيڪ جي حڪومت گهڻو وقت هلي نہ سگهي، ۽ سارو ملڪ مائوزي تنگ جي ڪميونسٽ گروهه جي هٿ ۾ اچي ويو ۽ هُن وڃي چين کان ٻاهر فارموسا جي چيني ٻيٽ ۾ پنهنجي قومي حڪومت قائم ڪئي، جتي اڄ تائين، سندس مري وڃڻ کان پوءِ بہ، آمريڪين جي مدد سان هن جي پارٽي راڄ ڪري رهي آهي.

هن جي حڪومت ۾ نهايت اعليٰ تعليم يافتہ، قابل ۽ محنتي قومي ڪارڪن هئا. پر سندن هٿ صاف نہ هئا ۽ شاهوڪار طبقو هِن ۽ سندس عملدارن کي خريد ڪري، انهن وٽان پنهنجا مطلب پورا ڪرڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو تہ عوام جي حالت روز بروز خراب ٿيندي ويئي، ۽ ان کي درست ڪرڻ جي عيوض، هُن عوامي ناراضگيءَ لاءِ ڪميونسٽن کي جوابدار ٺهرائي، ملڪ ۾ دٻاءَ جي پاليسي اختيار ڪئي، جا گهڻو وقت هلي نہ سگهي، ۽ هو سارو ملڪ وڃائي ويهي رهيو.

# مائوزي تنگ

چين جي جديد تاريخ جو ٻيو مکيہ ماڻهو مائوزي تنگ آهي. هيءُ 1893ع ۾ هونان جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ ڪيتي ڪندو هو. هي پاڻ ڇهن سالن جي عمر ۾ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ ساڳئي وقت هي چانگشا جي اسڪول ۾ پڙهندو بہ هو. ننڍپڻ کان هن کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هوندو هو. هن جو واندو وقت ڪتابن جي مطالعي ۾ ڳوٺ جي ننڍڙي لئبرريءَ ۾ گذرندو هو. ڪجه وقت کان پوءِ پڙهڻ کان فارغ ٿي، هيءُ ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو.

ابتدا ۾ هيءُ سن يات سين جي نيشنلسٽ پارٽيءَ جو ميمبر هو. پر جڏهن ڏٺائين ته نيشنلسٽ پارٽيءَ جي ساڄي ڌر ملڪي شاهوڪارن ۽ غير ملڪي سامراجين جي قبضي ۾ هئڻ سبب، عوام جي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوبه قدم کڻڻ لاءِ تيار نه هئي، بلڪ قوم پرستيءَ جي نالي ۾ چند شاهوڪارن ۽ ڪامورن جي فائدي لاءِ ملڪي ڪاروبار هلائي رهي هئي، تڏهن هن سوشلزم کي نيشنلزم تي ترجيح ڏيئي، سڄيءَ طرح پورهيت عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 1927ع ۾ هن کي چين جي هارين جي يونين جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. 1930ع ڌاري هيءُ چين جي مزورن ۽ هارين جي انقلابي ڪميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ٿيو.

جڏهن چيانگ ڪائي شيڪ، ڪومنتانگ پارٽيءَ جي کاٻيءَ ڌر خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيا، ته مائوزي تنگ ڪميونسٽ خيالن جي ڪارڪنن کي پاڻ سان وٺي، ڏگهو سفر ڪري، ڪنهن محفوظ جڳه تي پير کوڙي ويهڻ لاءِ، حالي دشمن جي نظرن کان هٽي وڃڻ شروع ڪيو. اُن ڏگهي سفر جو نهايت دلچسپ قصو آهي، جنهنجو مختصر احوال هڪ انگريز ايڊگر سنو نالي سندس ڪتاب ”ريڊ اسٽار اوور چائنا“ ۾ نهايت پرجوش اسلوب سان بيان ڪيو آهي.

مائوزي تنگ جا به مکيه مددگار هئا، جي هر حالت ۾ ساڻس گڏ رهيا ۽ سندس مددگار رهيا: اُنهن مان هڪ هو جنرل جيوڊي ۽ ٻيو هو مسٽر چو اين لائي.

مائوزي تنگ محنتي، نظرياتي طور نهايت اعليٰ مفڪر ڪارڪن هو. جپانين جي چين جي گهڻي ڀاڱي تي قابض ٿيڻ تي، هيءُ ڪجه وقت چيانگ ڪائي شيڪ سان گڏ جپانين خلاف جنگ آزاديءَ ۾ حصو وٺندو رهيو. هن کي پتو هو ته جپانين کان آزاديءَ بعد وري چيانگ ڪائي شيڪ جو گروه ڪميونسٽن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ان ڪري اُنهيءَ لڙائيءَ جي عرصي ۾، جڏهن ٻاهرين سامراجي طاقتن به، سندن پنهنجن مفادن جي خيال کان، چينين کي پيسي ۽ هٿيارن جي هر طرح مدد پئي ڪئي، تڏهن هُن اُن موقعي مان فائدو وٺي پنهنجي ماڻهن کي تربيت ڏيارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، ۽ وس آهر پنهنجي هم خيال فوجي دستن کي هٿيارن گڏ ڪرڻ جو وجه ڏياريو.

مهاڀاري لڙائيءَ جي ختم ٿيڻ بعد جڏهن جپاني ملڪ مان نڪري ويا، ته چيانگ ڪائي شيڪ جي قوم پرست گروهه ۾ هن جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وچ ۾ تصادم ٿيو. اُن ۾ گهڻين قربانين ۽ ڪشالن بعد نيٺ هن جي پارٽيءَ کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ساري چين تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قبضو ٿي ويو.

# فصل نائون

## جنگ جو احوال

ٻيءَ مهاڀاري کان اڳ يورپ ۽ ايشيا جي خاص حالتن ۽ سياسي ليڊرن جي مختصر ذڪر ڪرڻ بعد، هاڻ آءُ اُن جنگ جو مختصر ۾ مڪيه احوال پيش ڪندس.

جرمنيءَ جي حڪومت اٽليءَ ۽ جپان جي فسطائي حڪومتن سان ڪميونزم خلاف عهدنامو ڪيو هو. پر عالمي حالتن اهڙو چڪر کاڌو جو سوويت يونين جي ڪميونسٽ حڪومت ۽ جرمنيءَ جي فسطائي حڪومت، پنهنجي پنهنجي عارضي مفاد خاطر، پنهنجن پنهنجن بنيادي اصولن ۽ اُنهن جي بنيادن تي ڪيل الڳ الڳ بين الاقوامي عهدنامن کي ٻُنيءَ پوبان اڇلائي، 28 سيپٽمبر 1939ع ڌاري، پولينڊ کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو.

ٻئي پاسي انگريزن ۽ فرينچن اڳي ئي پنهنجن پنهنجن مفادن خاطر پنهنجين پاليسين ۾ جيڪي ڦيريون گهيريون ڪيون هيون، تن کان به پڙهندڙ واقف آهن – اُنهن جو ڪجهه ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

پر لڙائيءَ جي هلندي ته هر ڪو طاقتور مُلڪ، ليڪا لنگهي، پر وارن ڪمزور ملڪن تي قبضي ڪرڻ لاءِ سنبري ويهي رهيو هو.

شخصن وانگر قومون به خود مطلبيءَ، تنگ نظريءَ، غصي ۽ طاقت آزمائيءَ جي اوگڻن جو شڪار ٿي، اهڙا ڪم ڪرڻ لڳن ٿيون، جي انصاف، فراخدليءَ، پختہ خياليءَ ۽ شرافت جي معيارن تي ٺيڪ نٿا لڳن. جهڙيءَ طرح ڪثرت تعداد ماڻهن جو اخلاق جي روحاني معيارن مطابق، اڃا نا پختو ٿئي آهي، ساڳي حالت قومن جي به آهي. قومن جي حالت ۾، سندن خودغرضانہ عملن جو مکيه ڪارڻ اهو پئي رهيو آهي ته جمهوري توڙي غير جمهوري ٻنهي قسم جي حڪومتن تي ”عام راءِ“ جو گهٽو اثر رهي ٿو۔ جا هر ملڪ ۾ ناپختي ٿئي ٿي يا رکي وڃي ٿي. بهرحال هنن ٻنهي قسم جي حڪومتن جي پاليسيءَ جو ٻئرو ميٽر، مختلف سببن ڪري، لهندو چڙهندو رهندو آهي ۽ اُهو ڪڏهن به يڪسان نٿو رهي.

فسطائي ۽ ڪميونسٽ حڪومتن جي واڳ جيتوڻيڪ چند طاقتور ۽ حوصلہ مند ماڻهن جي هٿن ۾ رهي ٿي ۽ اُن ڪري اُهي حڪومتون اندروني ڦيرگهير ۽ لوڏي لمي کان محفوظ رهن ٿيون. پر اُهي فلسفا سياست عمليءَ جي جنهن نظريي جا قائل آهن، تنهن موجب، وٽن مقصد جي حصول لاءِ طريقي ڪار جي پرواهہ نہ هئڻ ڪري، ڪنهن غير متوقع قدم کڻڻ کي هو عيب نٿا سمجهن. لڳ ڀڳ اِها ئي حالت جمهوري حڪومتن جي بہ آهي، جيتوڻيڪ هو پنهنجي مستقل اخلاقي قدرن ۽ اصولن جو ڍنڍورو دنيا جي اڳيان ڪجهہ وڌيڪ پٽينديون رهنديون آهن. اِن سڄي صورتحال جو نتيجو اهو ٿو نڪري، تہ موجوده دور جي قومي توڙي عالمي سياست ڪن اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني معيارن موجب تقريباً بلڪل ئي ڪانہ ٿي هلي.

نومبر 1939ع تي سوويت يونين بنان سبب جي فنلنڊ تي حملو ڪري، ان کي والارڻ جي ڪوشش ڪئي. اها ڳالهہ سمجهي سگهڻ گهرجي تہ سڀ حڪومتون سندن هر قدم لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن جواز پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. پر حقيقت اُنهن جي حالت ۾ وري بہ اِها ئي ٿي وڃي بيهي تہ سنڌيءَ ۾ جيڪا چوٽي آهي تہ **"ڏاڍي جي لٺ کي بہ ٽِتا"**، اُها انهن سان نهڪي اچي ٿي.

30 مارچ 1940ع تي، جپان چين جي نانڪنگ شهر ۾ پنهنجي هٿ هيٺ هڪ ڪٺ پتلي حڪومت برپا ڪري، وانگ چانگ وي نالي شخص کي اُن جو سربراهہ بڻائي ويهاري ڇڏيو.

جرمني ۽ اٽلي تہ ڪليو ڪلايو دنيا ۾ بيٺڪن جي هٿ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيون هيون.

اتحادي ملڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي اڳي ئي سٽيا ٽڪر ڳڙڪايو. پيٽ پريو، مزي سان اوڳرايون ڏيندا ٿي رهيا.

يورپ ۾ جنگ شروع ٿيڻ بعد اهڙي ئي ڍاول ملڪ انگلنڊ جي وزير اعظم چيمبرلين جي نرم پاليسيءَ کان (جا اُن ملڪ جي ڍَوَ واري ڳهر ئي چئي ٿي سگهجي)، بيزار ٿي، انگلنڊ جي ماڻهن حڪومت جي واڳ سر ونسٽن چرچل جي هٿ ۾ ڏني، جنهن همت سان (پنهنجي "ملڪيت" جي بچاءَ ۾) جنگ لاءِ هر طرح جي تياري ڪئي.

جرمنيءَ جي ابتدائي تڪڙين ڪامياببين ڪري، هٽلر جو دماغي توازن گهٽو ڪجهہ وڌيڪ لُڏي ويو ۽ هو يورپ ۾ ننڍين ننڍين حڪومتن تي ويو زوريءَ قبضو ڪندو.

سندس ملٽري قوت ايتري مضبوط هئي، جو ٿوري وقت اندر هو ڊينمارڪ ۽ هاليند کي والاري ويو. مئي 1940ع تي لگزمبرگ تي قبضو ڪيائين.

ڏهين جون 1940ع تي اٽليءَ بہ جرمنيءَ جي حمايت ۾ انگلنڊ ۽ فرانس جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري، ڏکڻ فرانس تي حملو ڪيو. جون 1940ع تي جرمنيءَ جو فرانس تي مڪمل قبضو ٿي ويو ۽ فرانس جي پيٽان (Marshal Petain) حڪومت پئرس کي کليل شهر قرار ڏياري، جرمنيءَ اڳيان پيش پئي.

اُن مهيني ۾ جرمنيءَ، انگريزن ۽ فرانس جي گڏيل لشڪرن کي ڊنڪرڪ جي نزديڪ تمام وڏي شڪست ڏني، جنهن ۾ انگلند جي ہ لک پندرهن هزار فوج ۽ فرانس جي هڪ لک ويه هزار فوج ميدان جنگ ۾ هارائي، مشڪل سان جان بچائي سگهي. ان لڙائيءَ ۾ رڳو انگلنڊ جي نقصان ٿيل يا قيد ٿيل سولجرن جو ٽيه هزار تعداد هو. اُتان هو پنهنجو جنگ جو سامان ڪجه بہ بچائي نہ سگهيا. سڀ جرمنن جي هٿ چڙهي ويو. اُن کان پوءِ ٿي فرانس، جنگ جي قوت نہ ساري، جرمنيءَ جي پيش پيو ۽ اُن جي مارشل پيٽان جي هٿ هيٺ قائم ٿيل نئين حڪومت سندن هڪ ماتحت حڪومت جي صورت ۾ ڪم ڪرڻ لڳي.

ان کان پوءِ جرمنيءَ انگلنڊ تي سخت بمباري ڪري انهن جي همت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ اُهي افواه شروع ٿيا تہ جرمني ڪنهن بہ وقت انگلنڊ تي حملو ڪري، ان کي والاريندي. ليڪن هن قوم جي همت ڪمزور ڪانہ ٿي ۽ هي مضبوط ارادي سان جنگ هلائيندا رهيا. انگلنڊ جي وزير اعظم چرچل ان وقت انگريز قوم جي ترجماني ڪندي، جا معرڪي واري تقرير ڪئي هئي، سا پوءِ ضرب المثل ٿي پيئي- چي، **"اسين زمين تي لڙنداسون، هوا ۾ لڙنداسون، سمنڊ ۾ لڙنداسون- جيستائين انگلنڊ ۾ هڪ بہ ماڻهو زنده رهندو، هيٺي نہ ڀولينداسون."**

فرانس ۾ سڀ ماڻهو هڪجهڙا نہ هئا. انهن مان جنرل ڊيگال جرمنيءَ جي تابعداري نہ مڃي. هن، ڪجه پنهنجي دل جي ڏي تي ۽ ڪجه انگريزن جي آسري تي، لنڊن ۾ جدا حڪومت قائم ڪئي ۽ فيصلو ڪيو تہ فرانس طرفان جنگ هلائيندو رهندو. هن مارشل پيٽان کي فرانس جو صحيح نمائندو نہ سمجهي، انهيءَ سان تعلقات ٽوڙي ڇڏيا.

هوڏانهن، جنگ جي ميدان تي مٿي ذڪر ڪيل ڪاميابين ڪري، جرمنيءَ جو حوصلو وڌي ويو. جنهن اٽليءَ ۽ جپان سان سيپٽمبر 1940ع ۾ جنگي عهدنامو ڪري، وڏيڪ ملڪن تي قبضي ڪرڻ جو پروگرام رٿيو.

28 آڪٽوبر 1940ع تي، اٽليءَ ۽ جرمنيءَ گڏجي يونان تي حملو ڪيو. يونانين ڪجه وقت مقابلو ڪيو پر هو بہ، آخر مجبور ٿي، جرمنيءَ سان عهدنامو ڪري پيش پيا. 27 اپريل 1941ع تي،

جرمن لشڪر يونان جي گاديءَ اٿينس ۾ داخل ٿيو. اُن تي انگريزن اتان بہ پنهنجو لشڪر واپس گهرائي ورتو ۽ هو پنهنجو سڄو جنگي سامان اُتي بہ جيئن جو تيئن ڇڏي آيا.

ان وقت تقريباً سڄي وچ يورپ تي جرمن فوجن جو اقتدار قائم ٿي ويو هو. ملڪ گيريءَ جي هَوسَ ۾ هنن قومي وعدن، اخلاقي اصولن ۽ انساني حقوق کي وساري، پاڙيسري ملڪن تي هڪ ٻئي مٿان قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. پارسيءَ جي چوڻي آهي تہ ”هفت اقليم بيگرد بادشاهہ همچنان دريند اقليم دگر“ (جيڪڏهن بادشاهہ ستن ملڪن تي قبضو ڪن تا تہ بہ ٻين تي قبضي لاءِ خواهش رکن ٿا). اُن وانگر هنن جو حرص وڌندو ويو.

باوجود اُن جي، هُنن پاڻ کي دنيا جي ٻن طاقتور حڪومتن، انگلنڊ۽ رشيا، جي وچ ۾ گهيريل ڏٺو. جيڪي ملڪ ورتا هئائون، سي ظاهر ۾ جيتوڻيڪ ڪمزور ۽ خاموش نظر آيا ٿي، پر ڪين خطرو هو تہ حالتن بگڙڻ جي حالت ۾ اُهي ڪڏهن بہ بغاوت ڪري سندن سامهون ٿي سگهيا ٿي. تنهنڪري هنن کي فيصلو ڪرڻو هو تہ مڪمل ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن ٻن طاقتور ملڪن مان هڪ سان ٺهي، ٻئي کي ختم ڪن. ليڪن اِئين ٿي سگهڻ جي حالت ۾ جرمنيءَ پنهنجو رُخ انگلنڊ کان بدلائي، يڪايڪ 22 جون 1941ع تي رشيا تي حملو ڪيو. ڪين اميد هئي تہ ان ڪري ممڪن هو تہ انگلنڊ، اِئين پنهنجي نظرياتي ۽ بنيادي مخالف تي سندن يلغار ڏسي، ٿڌو ٿي وڃي. پر سندن اِها بدقسمتي هئي، جو اُن مان ويتر جرمنيءَ کي پنهنجو وڌيڪ خطرناڪ يا ترت دشمن سمجهي، اُن جي خلاف رشيا سان انگلنڊ وارن کي موقعو ملي ويو تہ سمجهوتو ڪري اُن سان محاذ قائم ڪن.

رشيا جو جنگي محاذ بہ هزار ميل ڊگهو هو. سوويت يونين وٽ 20 لک لشڪر ۽ ڪجھ ٻچتو فوجون هيون.

جرمنيءَ جون فوجون سندس طرفدار اٽليءَ، رومانيا، هنگري ۽ فنلنڊ جي فوجن سان گڏ ٽيہ لک جي تعداد کي پهچي ٿي ويون.

حملي ڪرڻ بعد ابتدا ۾ تہ جرمن فوجون ويون فتحن پويان فتحون ڪنديون. پر رشيا ڪو ٿوريءَ ايراضيءَ جو ملڪ نہ هو جو جلد فتح ٿي سگهي. سوويت يونين وارا، پنهنجي اهڙين حالتن هيٺ اختيار ڪيل پاليسيءَ موجب، پوئتي هٽندا ۽ ملڪ کي ساڙيندا ويران ڪندا ويا. جيئن دشمن کي استعمال لاءِ اُتي ڪابہ شيءِ صحيح سلامت هٿ نہ اچي، ۽ سڀ شيءِ خود پنهنجي ملڪ مان گهرائڻي پوين. ان ڪري هنن شهر، ڪيتيون، پليون، ڪارخانا وغيره، مطلب تہ ڪابہ شيءِ پويان دشمن جي هٿ ۾ اچڻ لاءِ سلامت نہ ڇڏي: جنهن ڪري حملہ آورن کي پنهنجي لشڪر جي ضروريات لاءِ سڀ ڪجھ

هزارن ميلن تان پويان گهراٽڻو تي پيو. اِئين جيئن هو ويا اڳتي وڌندا، محاذ وين لمبو ٿيندو. هاڻي هنن جي هٿ ۾ ايترو وسيع ملڪ آيل هو جنهن جي سنڀال لاءِ ئي هنن کي ڪيترو لشڪر سيڙائڻو تي پيو.

ويتر پويان روسين جي گوريلا فوجن سندن رسل رسائل کي ڪافي نقصان ٿي پهچايو. تنهنڪري دور دراز پنڌ جي جنگ جي ميدان ۾ فوجون ۽ سامان پهچائڻ ۽ وچ ۾ ٿيندڙ گوريلا حملن کي منهن ڏيڻ هُنن لاءِ مشڪل مسئلو بڻجي پيو. باوجود اُن جي، جرمنن 2- جولاءِ 1941ع تي لٿونيا جي گاديءَ تي قبضو ڪيو ۽ 16 جولاءِ تي سمولينڪ والاريائون.

اُنهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ رشيا ۽ انگلنڊ جولاءِ جي وچ ڌاري باهمي مدد جو عهدنامو ڪيو. ان پروگرام مطابق هنن جرمنن جي راهن بند ڪرڻ لاءِ آگسٽ 1941ع تي گڏجي ايران کي ورهائي، قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو ۽ اتي جي شهنشاه رضا شاه پهلويءَ کي ماريشس ۾ جلاوطن ڪري، سندس پٽ کي پنهنجي ماتحت ڪري، گاديءَ تي ويهاريائون.

اُنهي سال سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين جرمن فوجون رشيا جا مکيه شهر ڪِيو، اوريل، اوڊيسا، خارڪوف وغيره والاري نيٺ اُنهن جي هڪ اهم علائقي ڪريميا ۾ داخل ٿيون. اُن کان پوءِ هو جڏهن سوويت يونين جي گاديءَ ماسڪو جي نزديڪ آيون ته روسين پنهنجو گاديءَ جو هنڌ منتقل ڪري، پري اندرئين علائقي ۾، ڪوئشبو نالي شهر ۾ وجي قائم ڪيو. پنيان هنن ماسڪو جي بچائڻ لاءِ، آخري جان جي بازيءَ تائين وڙهڻ جو بندوبست پڻ قائم رکيو.

جرمنن 15 نومبر 1941ع ڌاري سيواسپول تي گهيرو ڪيو ۽ 16 نومبر تي ماسڪو جي بنه دروازي واري شهر ڪرچ تي قبضو ڪيو.

هتي تصوير جو ٻيو رخ ڏيکارڻ لاءِ هيءُ ضروري ٿو سمجهان ته دنيا جي ٻئي طرف ڇا وهيو واپريو ان جو ذڪر ڪريان.

آمريڪا ۾ 15 نومبر 1940ع تي مسٽر روزويلٽ آمريڪا جو ٽيون ڀيرو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. هو انگلنڊ ۽ فرانس جو پختو ساٿي ۽ دوست هو ۽ جرمنيءَ خلاف جنگ ۾ هنن جي مدد ڪرڻ کي هن پنهنجي ملڪ جي فائدي لاءِ لازمي ٿي سمجهيو.

آمريڪا جي خارجہ پاليسي اڪثر آمريڪا کنڊ جي معاملن تائين محدود پئي رهندي آئي هئي. ليڪن روزويلٽ اُن کي نئون رخ ڏيئي، 1941ع ۾ پنهنجي ملڪي ڪانگريس کي لينڊ ۽ لِيس (اوڌر ۽ استعمال) جو بل پاس ڪرائي، اتحادين کي پيسي ۽ سامان جي مدد ڏيڻ شروع ڪئي. ساڳئي سال جي 14 آگسٽ تي، پريزيڊنٽ روزويلٽ ۽ انگلنڊ جي وزير اعظم سر ونسٽن چرچل پاڻ ۾ گڏجي،

هڪ گڏيل بيان ڪڍيو. جنهن ۾ جنگ جا فلاحي مقصد ظاهر ڪيائون. جن کي پوءِ ”ائٽلانٽڪ چارٽر“ جي نالي سان سڏيو ويو.

اُنهيءَ چارٽر جا مکيہ جزا هيٺيان هئا:

1- اتحادين کي ڪنهن بہ نئين ملڪ تي قبضي ۾ اڳرائي ڪرڻ جو خيال ڪونہ هو.
2- ڪنهن بہ ملڪ جي حدن ۾ ڦير گهير ڪرڻ لاءِ اتي جي رهاڪن جي رضامندي ضروري هئي.
3- پنهنجي حڪومت پاڻ ناهڻ لاءِ هر ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جي حق خود اِراديءَ کي تسليم ڪيو ويجي ٿو.
4- جن قومن جي آزادي سلب ڪئي ويئي هئي، ان کي حق اِرادي ۾ خودمختياريءَ جي بنياد تي آزادي ڏيارڻ سندن جنگي مقصدن مان هڪ هو.
5- سيني ملڪن جا اقتصادي ميدان ۾ واپار ۾ هڪجهڙا حق تسليم ڪندي، ڪچي مال جي حصول لاءِ سيني لاءِ ضرورت مطابق سهوليتون تسليم ڪيون وينديون.
6- بين الاقوامي دوستانا تعلقات وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي.
7- مزدورن جي روز وڌائڻ ۾ سندن روزگار جي ضمانت مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو.
8- ماڻهن کي خوف ۾ غربت جي آزارن کان آزادي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي.
9- سمنڊن جي مسافريءَ جي آزادي قائم ڪئي ويندي.
10- تشدد جي پاليسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪندڙ قومن کي بي هٿيار بڻايو ويندو.

يورپي قومن جا اڪثر اعلان صرف خود ساڻن واسطي رکندڙ يورپي باشندن لاءِ هوندا هئا ـ جيئن پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ اتحادين آزادي رڳو يورپ جي ننڍين قومن کي ڏياري هئي، ۽ خود سندن غلام مشرقي قومن کي ان جو مستحق نہ سمجهيو هو. اِنهيءَ ڪري هِن نئين اعلان کان پوءِ جڏهن هندوستان جي رهاڪن گهُر ڪئي تہ ڪين چارٽر جي فقري 3 مطابق پنهنجي حڪومت پاڻ ناهڻ جو موقعو ڏنو ويجي، تہ برطانيہ جي وزير اعظم، مسٽر ونسٽن چرچل، صاف چئي ڏنو تہ ”ان اعلان جو واسطو هندوستان يا ٻين برطانوي ٻيٽڪن سان ڪونہ هو. هو برٽش شهنشاهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ وزير اعظم ڪونہ بڻيو هو.“

ان مان گهڻن ماڻهن کي پتو پئجي ويو تہ ايشيا ۾ آفريڪا جي ملڪن بابت اتحادين جي رويي ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آيل هئي.

6 آگسٽ 1940ع تي اٽليءَ وارن برٽش سومالي لئنڊ تي حملو ڪري، 19 آگسٽ ڌاري ساري ملڪ تي قبضو ڪري ورتو.

15 سيپٽمبر 1940ع تي اٽليءَ جي لشڪر پنهنجي مقبوضہ ملڪ لبيا مان مصر تي حملو ڪيو. ڪافي عرصو جنگ هلندي رهي. ڪڏهن محوري طاقتن ملڪ تي والاريو ۽ ڪڏهن اتحادين ٿي اُن تي قبضو ڪيو. جرمن فوج جو ڪمانڊر، جنرل روميل، انهيءَ محاذ جو انچارج هو.

مشرق بعيد بابت اڳي لکي چڪو آهيان تہ جپان، 1937ع کان وٺي، باقاعدي جنگي اعلان ڪرڻ کان سواءِ، چين تي حملہ آور ٿي، اُن جي ايراضين تي، قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. 28 جولاءِ 1937ع تي پيڪنگ تي قبضو ڪيائون. 29 جولاءِ تي ٽينشن کي والاريائون. اتر چين ۾ مدافعت کان سواءِ ويا ملڪ والاريندا. 8 نومبر 1937ع تي شانگهائي ورتائون، ۽ 20 نومبر تي سوچو شهر تي قبضو ڪيائون.

6 آڪٽوبر 1937ع تي ليگ آف نيشنس ٺهراءُ پاس ڪري جپان کي اُن جارحيت تي نِنديو. ان جي پرواھ نہ ڪري، جپان ويو چين والاريندو. 13 ڊسمبر 1937ع تي نانڪنگ والاريائون. 24 ڊسمبر تي هنچائو ورتائون. 28 مارچ 1938ع تي جپانين نانڪنگ ۾ پنهنجي طرفدار حڪومت ڪڙي ڪئي. 21 آڪٽوبر 1938ع تي ڪئنٽن تي قبضو ڪيائون. 25 آڪٽوبر 1938ع تي هئنڪو ورتائون. اِئين 1939ع جو سارو سال چين سان جنگ ڪندا آيا. چين جي قومي حڪومت، مجبور ٿي، دور دراز پنڌ تي وڃي، چنگ ڪنگ جي شهر ۾ پنهنجي گادي قائم ڪئي.

7 ڊسمبر 1941ع تي، جپان، پئسفڪ وڏي سمنڊ ۾ آمريڪي بحري بندر پرل هاربر، هوائي ٻيٽن، فلپائين ۽ هانگ ڪانگ تي اوچتو هوائي حملا ڪيا. اُنهن حملن ۾ آمريڪا جا 5 جنگي جهاز تي ڪروزر ۽ 177 هوائي جهاز تباھ ٿيا، ۽ 4 هزار ماڻهو مُئا يا ڦٽيا.

اُن کان پوءِ ٻئي ڏينهن 8 ڊسمبر 1941ع تي آمريڪا جپان سان جنگ جو اعلان ڪيو. سگهو ئي 20 ڊسمبر 1941ع تي انگريزن بہ جپانين سان جنگ جو اعلان ڪيو.

اِن ڪري 11 ڊسمبر تي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ بہ آمريڪا سان جنگ جو اعلان ڪيو. 25 ڊسمبر تي انگريزي لشڪر هانگ ڪانگ ۾ جپانين جي پيش پيو ۽ ان تي جپانين جو قبضو ٿيو. جپاني اهڙي تيزيءَ سان ملڪن تي قبضو ڪندا ويا، جو 2 جنوري 1941ع تي فلپائين ٻيٽن جي گادي منيلا بہ هٿ ڪري ويا. 7 مارچ 1942ع تي انگريزن رنگون خالي ڪيو ۽ جپانين برما کي والارڻ شروع ڪيو ۽ ائين تڪڙا تڪڙا هو هندوستان کي ويجهو پوندا آيا، تان جو ڪلڪتي تي هوائي بمباري ڪيائون.

ان وقت ڏاري هر محاذ تي جنگ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويئي هئي. اُن وقت فرانس، انگلنڊ، آمريڪا ۽ روس هڪ طرف هئا، تہ جرمني، اٽلي، جپان ۽ سندن ماتحت ملڪ ٻئي طرف هئا. سندن ڌُر کي گڏي ”محوري ڌُر“ سڏيو ٿي ويو.

آمريڪا کي گهڻو سامان، پيسو ۽ لشڪر هو. سندن فوجون تازه دم هيون. آهستي آهستي جنگ جو رُخ بدلجڻ لڳو. جرمنيءَ روس تي حملو ڪري، پاڻ کي وڏيءَ مشڪلات ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. ان ڪان سواءِ اتر آفريڪا ۾ بہ پنهنجون فوجون موڪليون هئائين. سندس ساٿين مان اٽليءَ جا سولجر ڪمزور هئا. ڇه سال لاڳيتي جنگ ڪرڻ ڪان پوءِ، خود جرمن سپاهي بہ ٿڪجي پيا هئا.

جنوري 1944ع تي تهران ۾ پريزيڊنٽ روزويلٽ، سر ونسٽن چرچل ۽ مارشل اسٽالن گڏ ٿي، جنگ کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪئي.

روس وٽ لشڪر جام هو. کين اتحادين طرفان سامان جنگ ۽ ٻي مدد ملي رهي هئي. هنن جا حوصلا بلند هئا، ۽ هو دشمن سان سخت مقابلو ڪري رهيا هئا.

ٻگهي محاذ هئڻ ڪري بہ، جرمني ۽ اُن جا ساٿي سڀني محاذ تي هڪ وقت حملي لاءِ پورو انتظام ڪري نہ ٿي سگهيا. ان جو فائدو وٺي، اتحادين اٽلي، يونان، فرانس ۽ اتر آفريڪا ۾ ڀيهر زوردار حملا شروع ڪيا. ٻنهي طرفن ڪان تازه دم فوجن جو جرمن ۽ اٽليءَ جون ٿَڪل فوجون مقابلو ڪري نہ سگهيون. لاچار هنن محاذ کي هٽائي، طاقت کي سميٽڻ شروع ڪيو. نيٺ سيپٽمبر 1944ع ۾، انگريزي لشڪر يورپ ۾ داخل ٿي، بيلجم جو ملڪ جرمن تسلط ڪان آزاد ڪرايو.

جنگ هاڻ اهڙو ڦيرو کائڻ شروع ڪيو جو اتر آفريڪا ۾ محوري فوجن کي شڪستون پهچڻ لڳيون. اٽلي ڪمزور ٿي پيئي، جنهن ڪري اها ڏڪ جهلي نہ سگهي، ۽ اتحادي لشڪر ان تي 28 اپريل 1945ع تي قبضو ڪري، مسوليني‌ءَ کي گرفتار ڪري، ڦاسي ڏيئي ڇڏي.

هوڏانهن سوويت يونين وارن پنهنجي ملڪ اندر سڀني محاذ تي وڌڻ شروع ڪيو ۽ آهستي آهستي، ڀريڻ‌ءَ مئي 1945ع تي، اتحادين ۽ روس وارن جرمنيءَ جي گادي، برلن تي قبضو ڪري ورتو. ۽ هٽلر ان حملي ۾ مارجي ويو.

7 مئي 1945ع تي جرمنيءَ ۾ نئين عارضي حڪومت نهي، جا اتحادين جي پيش پيئي. هاڻ اتحادي يورپ ڪان واندا ٿي، جپان سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. فرانس، آمريڪا ۽ انگلنڊ جي گڏيل ڪوشش ڪري، آهستي آهستي، جپان کي بہ شڪستون اچڻ شروع ٿيون، ۽ اتحادي هنن ڪان ڪتيل ملڪ واپس وٺڻ لڳا. پر جپاني اجا ڪجه عرصو وڌيڪ جنگ چالو رکيو آيا.

ان وچ ۾ آمريڪا، جيڪا هڪ نئون هٿيار ائٽم بم تيار ڪري ويٺي هئي، تنهن جپاني طاقت ختم ڪرڻ لاءِ اُنهن جي مکيه شهر هيروشيما تي 6 آگسٽ 1945ع تي ائٽم بم اڇلايو، جنهن ڪري اُهو شهر سڄو تباهه ٿي ويو. اُن هڪ ئي بم پنجاهه هزار ماڻهو ماري ڇڏيا. اُنهيءَ حالت کي ڏسي، جپان 10 آگسٽ 1945ع تي پيش پئي، اتحادين جا جملي شرط قبول ڪيا.

28 آگسٽ تي آمريڪي لشڪر وڃي، جپان والاريو. اهڙيءَ طرح هيءَ ٻي مهاڀاري لڙائي به، اڳئين پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وانگر، اتحادين جي فائدي ۾ پوري ٿي.

جنگ جي تباهه ڪن نقصانن کان دنيا آگاهه ٿي چڪي هئي. آئينده جنگين کي تارڻ لاءِ ليگ آف نيشنس جي عيوضي 50 ملڪن جي نمائندن، 25 اپريل 1945ع کان 26 جون 1945ع تي، آمريڪا جي سئن فرانسسڪو شهر ۾ گڏ ٿي، صلاح مصلحت ڪرڻ بعد، اقوام متحده جي جماعت (U.N.O) ناهي، جنهنجا هيٺيان چار ادارا ناهيائون:

1. جنرل اسيمبلي.
2. سڪيورٽي ڪائونسل (سلامتي ڪائونسل)
3. ايڪانامڪ ۽ سوشل ڪائونسل، ۽
4. بين الاقوامي انصاف لاءِ ڪورٽ.

يو اين او جي انتظام هلائڻ لاءِ خاص سيڪريٽريٽ ناهي ويئي، ۽ ان جو ڪاروبار سيڪريٽري جنرل جي حوالي ڪيو ويو.

17 جولاءِ کان 2 آگسٽ 1947ع تائين رومانيا جي شهر پوٽسيڊم ۾ ٽرومن، اسٽالن ۽ ائٽلي گڏ ٿيا ۽ شڪست کاڌل ملڪن کي صلح لاءِ هيٺيان شرط آڇيائون:

## جرمنيءَ لاءِ

1. هنن کان هٿيار ڪسيا ويندا، ۽ سندن لشڪر ختم ڪيو ويندو.
2. نازي (نيشنل سوشلسٽ) ادارن کي ختم ڪيو ويندو.
3. جنگ جي ڏوهاري مکيه شخصن تي ڪيس هلائي، اُنهن کي سزائون ڏنيون وينديون.
4. جرمنيءَ ۾ جمهوري طرز تي حڪومت قائم ڪئي ويندي، ۽ اُن ۾ جمهوري بنيادن تي پارٽي ناهڻ جي اجازت ڏني ويندي.

5. ملٽري ضروريات کي نظر ۾ رکي، جرمنيءَ ۾ تقرير، تحرير، پريس ۽ مذهب جي آزادي ڏياري ويندي.
6. جرمنيءَ کي جنگي سامان، جهڙوڪ: هٿيار، بارود، مشنري وغيره ٺاهڻ جي منع هوندي.
7. جرمنيءَ جي سڀني سياسي ادارن کي ڊي سينٽرلائيز يعني مرڪزي ضابطي ۽ انتظام کان الڳ ڪيو ويندو.
8. جرمنيءَ کي فقط زراعت ۽ رواجي ڪارخانن هلائڻ جي اجازت هوندي.
9. جرمنيءَ جي آمدنيءَ، روانگيءَ ۽ سائنسي ايجادن تي اتحادين جو ضابطو هوندو.

وڏيڪ اهو به فيصلو ٿيو ته جرمنيءَ کان جنگ جو ڏنڊ سندس پڄنديءَ آهر ورتو ويندو.

# جپان لاءِ

1. جپان آمريڪا جي قبضي ۾ رهندو- جيتوڻيڪ سندن اندروني حڪومت جو ڪاروبار سندن شهنشاهه، سول ۽ پوليس آفيسرن جي هٿ ۾ رهندو.
2. سندن ملٽري ادارا ۽ هاءِ ڪمانڊ ختم ڪيا ويندا.
3. جپان جا فتح ڪيل سڀ ملڪ اتحادين جي مرضيءَ مطابق موٽايا ويندا.
4. ڪوريا جو ملڪ آمريڪا ۽ روس جو حصو شمار ڪيو ويندو.
5. آئوٽر منگوليا کي روس جو حصو ڪري شمار ڪيو ويندو.
6. اندروني منگوليا، فارموسا ۽ هينان چين جي ماتحت ڏنا ويندا.
7. هانگ ڪانگ موٽي انگريزن جي حوالي ٿيندو.

اهڙيءَ طرح هن صديءَ جي ٻي مهاڀاري لڙائي ختم ٿي، جنهن جهڙو اڪيچار انساني زيان ۽ شهرن، ڪارخانن ۽ فصلن وغيره جي تباهي، بي انتها پيسي جو نقصان، ۽ انسانن جي وچ ۾ باهمي نفرت جي اظهار ۽ عمل جو ٻيو مثال مشڪل ٿيندو.

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ چار وڏيون شهنشاهيون ختم ٿيون هيون. روس ۾ زار جي شهنشاهي، ترڪيءَ ۾ مسلمانن جي شهنشاهي، آسٽريا ۽ هنگريءَ جي هئبسرگ شهنشاهي ۽ جرمنيءَ جي قيصر شهنشاهي؛ ۽ انهن جي شهنشاهين جي تقريباً سڀني محڪوم ننڍين قومن کي آزادي ملي هئي.

ٻيءَ مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ دنيا جي باقي رهيل اڪثر وڏن سامراجي حڪومتن جي طاقت گهٽجي ويئي. آخر ۾ صرف ٻه وڏا بلاڪ وڃي رهيا: هڪ مغربي حڪومتن جو بلاڪ آمريڪا جي ليڊرشپ هيٺ، جو جمهوري ۽ سرمائيداري گروهه جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو: ۽ ٻيو مشرقي يورپ جي حڪومتن جو بلاڪ سوويت يونين جي ليڊرشپ هيٺ، جو ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي نالي سان مشهور ٿيو.

اڳينءَ لڙائيءَ کان هِن لڙائيءَ ۾ جدا دستور ۽ طريقا اختيار ڪيا ويا، جي هيٺينءَ طرح جا هئا:

1. هميشه وانگر اڳينءَ جنگ ۾ مختلف ملڪن جا لشڪر لڙي، هڪ ٻين تي فتح حاصل ڪندا هئا. عام پبلڪ کي جاٽي واٽي نقصان ڪونه پهچايو ويندو هو. پر هِن لڙائيءَ ۾ نئون دستور اهو پيو ته جنگي سپاهين ۽ شهري ماڻهن کي نقصان پهچائڻ ۾ تفاوت نٿي رکيو ويو. جن ۾ پوڙها، عورتون، ٻار ۽ عام صلح پسند شهري اچي ٿي ويا. ڇي، هيٺئر قومون لڙن ٿيون، تنهنڪري انهن جي همت ۽ حوصلي (Morale) ڪمزور ڪرڻ لاءِ، انهن تي به هلان ڪرٽي هئي ۽ انهن کي به سزا ڏيٽي هئي.
2. اڳي، جنگ پوري ٿيڻ تي، جنگي قيدين کي ڇڏيو ويندو هو ۽ ملٽري عملدارن جي عزت برقرار رکي ويندي هئي. هن ڀيري هارايل قومن جي جنگي سربراهن تي ڪيس هلائي، کين ڦاسين ڏيڻ جو رواج وڌو ويو. اڳي جنگ، ڪنهن خير صلاحي مقابلي وانگر، قاعدن ۽ قانونن مطابق وڙهي ويندي هئي؛ پر هاڻ اها انتقامي جذبي سان ۽ سڀيئي ليڪا لتاڙي لڙي ٿي ويئي.
3. هن ڀيري، جنگ جي وقت، لڙائيءَ سان گڏ هڪٻين جي خلاف پروپيگنڊا جي جنگ به چالو رکي ويئي جنهن ۾ مخالفن کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سچ، ڏوهه ثواب، گلا ۽ ساراهه جي اخلاقي معيارن جو ڪوبه لحاظ نه رکيو ويو ۽ هر ڌُر ڀڳو پاڻ کي حق بجانب چوائڻ ۽ اعليٰ اصولن جي هڪ هٿيءَ جي دعويداريءَ ۾ ڪا ڪثر نه ڇڏي.

اتحادين پاڻ ۾ گڏجي ائٽلانٽڪ چارٽر جي نالي ۾ جنگ جا مقصد بيان ڪيا، جن ۾ هنن ننڍن ملڪن جي حق خوداِرادي، جمهوريت، مفتوح ملڪن کي وري آزاد ڪرائڻ، ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي انصاف، عوام کي خوف ۽ غربت جي تڪليفن کان نجات ڏيارڻ، ۽ عدم تشدد ذريعي باهمي معاملن کي فيصل ڪرڻ وغيره جا نعرا هنيا.

ٻئي طرف محوري طاقتن طرفان پنهنجي فائدي ۾ پروپيگنڊا هيٺين بنيادن تي ڪئي ٿي ويئي:

چي: اتحادي وڏا سامراجي ملڪ هئا. جي جمهوريت جي نالي ۾ پنهنجي پيل ملڪن مٿان سندن تسلط قائم رکڻ جا حامي هئا. ۽ اُنهيءَ لاءِ ئي هُنن جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ جپان جهڙن صلاحيت وارن ملڪن (قومن) کي طاقت ۽ برتريءَ کان محروم رکڻ تي گهريو.

چي: اُن سرمائيداري سامراج جا مکيه ليڊر انگلنڊ ۽ آمريڪا هئا. جن جي سموري ذهني اڳواڻيءَ لاءِ يهودي جوابدار هئا. جيڪي سامي نسل جا هئا ۽ ائين هُنن آريا قوم جي بنيادي فوقيت کي، پنهنجي ذهن ۽ پيسي جي برتريءَ جي آڌار تي، ختم ڪرڻ تي گهريو.

چي: قومن جو نسل، وطن، ڪلچر، زبان ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي ٺهڻ فطري ۽ تاريخي حقيقت هئي. تنهنڪري انهن بنيادن تي ٺهيل قومون صالح ۽ سالم هيون. اُن جي برخلاف يهوديت مذهب، جي نالي ۾، انهن فطري، نسلي ۽ تاريخي بنيادن تي ٺهيل قومن کي ڪمزور ڪري، سرمائيداري سامراج جي اثر هيٺ آڻڻ جي طرفدار هئي. انهيءَ ڪري دنيا جي سمورين خرابين ۽ مسئلن پويان، يهودين جو ذهن ۽ مذهبيت جا نظريا ڪار فرما هئا. چو تہ هو ذهني ۽ مذهبي فوقيتن جا حامي هئا. جيڪي فوقيتون ملڪي قوميتن ۽ وطني آزادين جون دشمن هيون.

چي: انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾، سرمائيداريءَ ۽ جمهوريت جي نالي ۾ پيسي وارن جو راڄ يهودي دماغ جي ايجاد هو. ساڳيءَ طرح ڪميونزم بہ، جيڪو پڻ نئشنلزم جو دشمن هو اُهو بہ اُنهن ساڳين يهودين جي هڪ چال ۽ حرڪت هئي. هو بين الاقوامي تحريڪ، پوءِ اُها ڪميونزم جي نالي ۾ هجي يا مذهب جي نالي ۾ هجي، اُها ذهني سامراجيت هئي. اُنهيءَ طرح سان هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهو سالم ۽ صحت مند ماڻهن ۽ قومن کي پنهنجي اٽڪل جي جار ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿي ويا. ۽ چاڪاڻ تہ ڪميونزم ۽ مذهبيت ٻيئي يهودين جي ايجاد هئا. جي ٻيئي نظريا نئشنلزم جا دشمن هئا. تنهنڪري يهودين کي ختم ڪرڻ ۾ ئي قوم پرستيءَ جي نجات هئي.

چي: انگلنڊ، آمريڪا ۽ رشيا ٽنهي جي سياست ۽ اقتصادي مٿن پويان هڪ ئي ساڳيو يهودين جو دماغ ڪار فرما هو.

هنن جو چوڻ هو تہ عوام جي حالت درست ڪرڻ لاءِ سوشلزم ضروري هو پر اُن لاءِ شخصي ملڪت کي ختم ڪرڻ بدران ملڪيتن تي قومي حڪومت جو ضابطو رکڻ ڪافي هو.

مطلب تہ اِئين ٻيءَ مهاڀاري جنگ جي زماني ۾، وڏيون طاقتور حڪومتون هڪ طرف، اتحادي ٻڌجي، جمهوريت ۽ ننڍين قومن جي آزاديءَ جا نعرا هڻي رهيون هيون، تہ ٻئي طرف محوري طاقتون بين الاقوامي سرمائيداريءَ ۽ اُن جي ذهني ۽ مذهبي برتريءَ جي خلاف، دنيا مان سامراجي قومن جي بيخ

ڪني ڪرڻ ۽ صحيح نيشنل سوشلزم جي بنياد تي دنيا جي نئين سر تعمير ڪرڻ جا آواز بلند ڪري رهيون هيون.

هيڏانهن ايشيا ۾ جپان وري مشرقي قومن کي مغربي طاقتن کان آزادي ڏيارڻ جو جهنڊو کڻي، همسايه ملڪن کي زوريءَ پنهنجي قبضي ۾ پئي آندو.

پر ٻنهي ڌرين جي قول ۽ فعل ۾ وڏو تفاوت هو.

”واعظ ڪين جلوه بر محراب و منبر مي کنند.
چون به خلوت مي روند آن ڪاردیگر مي کنند.“

(واعظ ڪرڻ وارا محراب ۽ منبر تي بيهي جيڪي ظاهر ڪن ٿا، سي جڏهن گهرن ۾ وڃن ٿا ته هلت ان جي ابتڙ ڪن ٿا.)

هنن عالمي طاقتن، باوجود نظرياتي اختلافن جي، مخالفن سان عهدناما ڪيا ٿي، ۽ ڪڏهن اُهي ٽوڙي، نيون دوستيون ڳنڍيون ٿي. اُنهن مان هر هڪ طاقت، ڌار ڌار، انهيءَ عرصي ۾ اُهي اُهي ڪارناما ڪيا، جو منجهانئن ڪابه ماڻهپي ۽ انساني تهذيب جي ليڪي ۾ جڻ رهي ئي ڪانه هئي.

انگلنڊ ليگ آف نيشنس کان هڪ طرف اٽليءَ خلاف ننڊا ۽ پابندين جا نعراءَ پاس ڪرايا، پر سگهو ئي جڏهن اٽليءَ حبش تي ناحق زوريءَ قبضو ڪري ورتو تڏهن ساڳئي انگلنڊ پنهنجي قومي مفاد خاطر اُن کي چپ چاپ تسليم ڪري ورتو.

آمريڪا ڪميونزم جي بنيادي اصولن خلاف هئڻ جي باوجود سوويت يونين سان محوري طاقتن خلاف اتحاد ڪيو. ڪين خبر هئي ته اهو اتحاد بنيادي اصولن جي خلاف، منافقانه ۽ عارضي هو. ليڪن هڪ طاقتور دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ سندن ڪميونزم دشمني به سندن آڏو ڪانه آئي.

ههڙن بين الاقوامي نفرت جي پرچارن، فسطائي رجحانن ۽ وعدي خلافين جو اثر اڳتي هلي، دنيا جي مختلف حصن ۾ کهڙيءَ طرح نمودار ٿيو ان جو مکيه مثال پاڪستان ۽ هندوستان جي ڪارگذارين مان پئجي سگهندو.

هندن ۽ مسلمانن جي باهمي نفرت ۽ خونريزي وغيره اُنهيءَ اثر جا نتيجا هئا.

جنگيون ملڪن ۾ ماڻهن لاءِ وڏيون مصيبتون آهن. جهڙيءَ طرح بعضي وچڙندڙ بيماريون اوچتو ملڪن ۾ هزارها گهر برباد ڪن ٿيون، ساڳي حالت جنگين جي آهي. بلڪ اُن کان به وڌيڪ. بيمارين لاءِ خراب هوائون، جيوڙن جي پيدائش ۽ ناسازگار عنصري اثر ڪارڻ ٿين ٿا. جنگين جي لاءِ ماڻهن جي

ذهني ۽ روحاني ناپختگي، قومن جو خودمطلبيون، تشدد جي پاليسي، رواداريءَ جي عدم موجودگي ۽ نفرت جي پروپيگنڊا، مکيہ سبب ٿين ٿا.

ٻن مهاڀاري لڙاين ڪري، انسانذات کي تمام گهڻو ڇيهو پهتو.

ان مان (اڻ سڌيءَ طرح ۽ اُن جي مخالف سطح ۾) ڪي فائدا بہ ٿيا.

پهرينءَ جنگ مان هڪ تہ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ قومپرستيءَ جي بنياد تي، آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ بيداري پيدا ٿي؛ ان لاءِ منجهن جدوجهد جو جذبو جاڳيو ۽ هلچل شروع ٿي: ۽ ٻيو تہ قومن ۾ ليگ آف نيشنس ٺاهي، اُنهيءَ ذريعي هڪٻئي جي وچ ۾ باهمي گفتگو ذريعي، فيصلن ڪرڻ جا اصول قبوليا ويا.

ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ مغربي قومن جي دماغ مان فرعونيت جهڪي ٿي، جن ٿوري ٿوري دٻاءَ تي، چپ چاپ، گهڻن ايشيائي ۽ آفريڪا جي ملڪن کي آزاد ڪيو ۽ ٻيو تہ ليگ آشف نيشنس جي جاءِ تي وڌيڪ ڪمائتي ۽ اثر واري متحده قومن جي جماعت ٺهي، ۽ قومن جي باهمي اختلافن جا فيصلا وڌيڪ آسان ۽ پائدار صورتن ۾ فيصل ٿيڻ لڳا.

پر امن جو قيام بهرحال اڃا پري پيو ڏسجي.

سرد جنگيون هر طرف هلي رهيون آهن.

سامراج ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ سرد جنگ، سامراجي ملڪن جا باهمي ننڍا اختلاف، ۽ ڪميونسٽ ملڪن ۾ رشيا ۽ چين جا نظرياتي اختلاف، هندوستان ۽ پاڪستان، عرب ۽ يهودين جون مخالفتون، ۽ دنيا ۾ اهڙا ٻيا ملڪن جي وچ ۾ فرق ۽ جهيڙا. مغربي سامراج جي زيرِ اثر ملڪن ۾ سرمائيداريءَ ۽ سماج واد جي وچ ۾ ٽڪر ۽ اُن جي نتيجي ۾ برسر اقتدار سامراجي همنوا حڪومتن هٿان عوام جا عام ڪوس، جيئن انڊونيشيا، چليءَ ۽ ٻين هنڌن تي ٿيو ۽ خاص طرح آفريڪا ۾ نسلي تشدد ۽ ظلم جون دل ڏاريندڙ ڪاروايون اڃا هلنديون اچن ٿيون.

انهن سيني خلاف انساني حرڪتن ۽ انسان دشمن عمل جو مکيہ ڪارڻ انسانن جي دماغي ناپختگي آهي. قومي خودمطلبي، تشدد ذريعي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ نفرت جو وجود اِنهيءَ دماغي ناپختگيءَ جي پيداوار آهن. انسان اڃا عمل ۽ ردعمل جي چڪر ۾ ڦاٿو پيو آهي. انسان کي محبت، رواداريءَ، باهمي ڏي وٺ ۽ سڀ جي فائدي لاءِ پنهنجي فائدي جي قربانيءَ جي تعليم ۽ تربيت مان گهڻو ڪجهه پرائڻو آهي.

20_ مارچ، 1974ع